Reg No 2677

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

جلد: 11 | اڱارو 13 ڊسمبر 2022ع بمطابق 18 جمادي الاول 1444ھ | شمارو 60 | قيمت 10 رپيا

ملڪ جي ڏيوالي جي خواهش عمران نيازي سان گڏ قبر ۾ ويندي: اسحاق ڊار

ن ليگ حڪومت جڏهن ختم ٿي ته مهانگائي 4 ڏهائي پنج سيڪڙو هئي، نون ليگ جي حڪومتي دور ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج ايشيا ۾ سڀ کان تيز گروٿ ڪري رهي هئي

عمران خان نيازي پنهنجي دور ۾ رڪارڊ قرض ورتو، پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ڊيفالٽ نه ڪندو، پاڪستان جي ڊيفالٽ واري خواهش عمران نيازيءَ سان گڏ قبر ۾ ويندي

پي ٽي آءِ ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو، ڏيڍ سال کين اهو فيصلو ڪرڻ ۾ لڳي ويو ته آءِ ايم ايف ڏانهن وڃون يا نه، انهن 25 هزار ارب وارو قرض 45 هزار ارب ڪري ڇڏيو

اسان لاءِ اقتدار ۾ اچڻ وارو فيصلو ڏکيو هو، اتحادي حڪومت سياست تي رياست کي ترجيح ڏني، عمران نيازي پاڪستاني کي قوم طور ڪرپٽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

هو چوي ٿو ته ڪريش نيشن آهيون ۽ وري چوي ٿو ته سيڙپڪاري ڪيو، هن رُيئي جو پيڙو ٻوڙي ڇڏيو، هاڻي ملڪ جي ڏيوالي جون ڪوڙيون خبرون پکيڙي رهيو آهي

پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ڊيفالٽ نه ڪندو، اتحادي حڪومت سياست تي رياست کي ترجيح ڏني: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان ڊيفالٽ جي خواهش عمران نيازي سان گڏ قبر ۾ ويندي، اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته ن ليگ حڪومت جڏهن ختم ٿي ته مهانگائي 4 ڏهائي پنج سيڪڙو هئي، وفاقي وزير چيو ته نون ليگ جي حڪومتي دور ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج ايشيا ۾ سڀ کان تيز گروٿ ڪري رهي هئي، عمران خان نيازي پنهنجي دور ۾ رڪارڊ قرض ورتو، اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ڊيفالٽ نه ڪندو، پاڪستان جي ڊيفالٽ واري خواهش عمران نيازيءَ سان گڏ قبر ۾ ويندي، هن چيو ته پي ٽي آءِ ملڪي معيشت کي تباهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01



اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي تاج حيدر کي سينيٽر طور حلف کڻائيندي

مان چونڊون وڙهندس ۽ چونڊن ڪانپوءِ فيصلو ڪندس ته ڪهڙي جماعت ۾ وڃڻو آهي: چوڌري نثار

ڪلر سيدان (م ڊ) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير چوڌري نثار هڪ ڀيرو ٻيهر خاموشي ٽوڙيندي وڏو اعلان ڪري ڇڏيو. اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر روات پرسان ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته عوام تياري ڪري ڇڏي، مان چونڊون وڙهندس ۽ چونڊن ڪانپوءِ فيصلو ڪندس ته ڪهڙي جماعت ۾ وڃڻو آهي. هن چيو ته مان گارگند جي موجوده سياست جو قطعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جنرل (ر) باجوه اوهان جو محسن هو، اوهان محسن ڪش نڪتا: وزيراعظم

گذريل حڪومت اسان جي خاندان کي بدنام ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي ۽ اسان جي خاندان تي بي بنياد الزام لڳايا ويا

برطانيا جي اين سي اي جي جاچ ۾ الله اسان کي عزت ڏني ۽ اسان صاف ٿي ويا، عمران خان ۽ سندس سائين الزام هڻڻ کانسواءِ ڪجهه نه ڪيو

ٽن سالن ڪانپوءِ ڊيلي ميل اسان کان غير مشروط معافي گهري، ڊيلي ميل مون کان نه پر پوري پاڪستاني قوم کان معافي گهري آهي

هاڻي ڪير جو ڪير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي ويو آهي، پاڪستان کي هڪ رپيو به نه ڏيو، اسان کي آءِ ايم ايف آڏو پنهنجون گوڏا کوڙائڻا پيا

اسان کي بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست قربان ڪري ڇڏي، عمران پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اسان لاءِ ڪانٽو لڳايو: ميان محمد شهباز شريف

ٻئي طرف سعودي ولي عهد اڳوڻي وزيراعظم کي ڪعبي جي ماڊل واري واچ ڏني هئي ۽ اها واچ وڪرو ڪئي وئي هئي، جنهن ماڊل جي واچ وڪڻي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته جنرل (ر) باجوه منهنجو محسن هو هو مفادپرست نڪتو هو چاهي ٿو ته پاڪستان ڊفالٽ ٿئي پر پاڪستان ڊفالٽ نه ٿيندو اسلام آباد ۾ وفاقي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته گذريل حڪومت اسان جي خاندان کي بدنام ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي ۽ اسان جي خاندان تي بي بنياد الزام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪندي

اسان عوام جي خدمت ۾ ڪا به ڪسر ناهي ڇڏي: مونس الاهي

اسيمبلين ۾ رهياسين ته عوام جي خدمت ڪنداسين ۽ اسيمبليون ٽوڙيون وڃن ته ٻيهر عوام جي عدالت ۾ وينداسين

سياست اسان جو خانداني مشن آهي، مسلم ليگ عوام جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي آهي، اسان عوام جي خدمت ڪا ڪسر ناهي ڇڏي

ملڪ معاشي طور ڊيفالٽ ڪري چڪو آهي ۽ شهباز حڪومت معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: ق ليگ اڳواڻ

گجرات (م ڊ) مسلم ليگ ق جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مونس الاهي چيو آهي ته اسيمبلين ۾ رهياسين ته عوام جي خدمت ڪنداسين ۽ اسيمبليون ٽوڙيون وڃن ته ٻيهر عوام جي عدالت ۾ وينداسين. هن چيو ته سياست اسان جو خانداني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اليڪشن ڪميشن عمران خان خلاف 5 ڪيس ٻڌڻ لاءِ لسٽ ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف 5 ڪيس ٻڌڻ لاءِ لسٽ ڪري ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان خلاف 5 ڪيس 13 ڊسمبر تائين ٻڌڻ لاءِ لسٽ ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: وائيس چيئرپرسن او پي سي مخدوم سيد محمود الحسن پريس ڪانفرنس ڪندي

توشه خانو: عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ

راولپنڊي جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف توشه خانه ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال ٻڌڻي ڪئي

عمران خان ۽ ان جي گهرواري توشه خانه مان 58 تحفا ورتا، 3 سالن دوران ورتل 58 شين جي ماليت 142 ملين رپيه آهي: وڪيل سعد حسن

عمران خان اهو ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيو ته گهڙي ڪيتري ۾ وڪرو ڪئي، ڪيس گهڙي جي باري ۾ نه پر ڪيس عمران خان طرفان جمع ڪرايل اثاثن جي حوالي سان آهي

راولپنڊي (م ڊ) ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. راولپنڊي جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف توشه خانه ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال ٻڌڻي ڪئي. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز رفيع ملاح جي شاگردن جي لاءِ گرينڊ بڪ فيئر منعقد ڪرڻ جو فيصلو

خانگي اسڪولن جون انجمنون ۽ پاڪستان پبلشرن اينڊ بڪ سيلرز سان مشاورت ڪئي ويندي: رجسٽرار رفيع ملاح

پرڏيهه مان ايندڙ ۽ مقامي ڪاغذ جون قيمتون گهٽ ٿين ته پبلشرز به ڪتابن جون قيمتون گهٽ ڪندا: چيئرمين عزيز خالد

ڪتابن جي پائريسي وڏو مسئلو آهي، پاڪستاني پبلشرزان ان کي ناپسند ڪن ٿا: صحافين سان ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ خاص طور تي شاگردن جي لاءِ گرينڊ بڪ فيئر منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ خانگي تعليمي ادارن جي ايسوسيئيشن، لاڳاپيل ادارن ۽ پاڪستان ببلشرز اينڊ بڪ سيلرز سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي، جڏهن ته پاڪستان ببلشرز ايسوسيئيشن ان حوالي سان پنهنجي هر ممڪن سهڪار جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان بلديه عظميٰ ڪراچي جي نئين ميونسپل ڪمشنر سيد شجاعت حسين گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان بلديه عظميٰ ڪراچي جي نئين ميونسپل ڪمشنر سيد شجاعت حسين گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ شهر قائد کي درپيش صحت، صفائي جي مسئلن، انفرا اسٽرڪچر جي بحالي، شاهراهه قائد جي خوبصورتي لاءِ شروع ڪيل قدمن ۽ ان حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسان کي سياسي آزادي ڏني وڃي: وسيم اختر

خواهش سيني جي ٿي سگهي ٿي پر هن دفعي به شهر جو ميئر حق پرست ٿيندو

عورتن جو اسان جي معاشري ۽ سياست ۾ اهم ڪردار آهي: ايم ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ

ڪراچي (د) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڊپٽي ڪنوينر وسيم اختر چيو آهي ته خواهش سيني جي ٿي سگهي ٿي پر هن دفعي به شهر جو ميئر حق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسرائيلي فوج ڇت تي بيٺل نوجوان ناريءَ کي گولي هڻي ڇڏي

فلسطيني ڇوڪري جي شهادت جو واقعو جنين ۾ پيش آيو: عالمي ميڊيا جو ادارو

جنهن ۾ 3 ماڻهو زخمي ٿيا هئا، هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي آهي

غزه (م ڊ) اولهه ڪناري ۾ ڇاپو هڻي ڪارروائي ڪرڻ جي دوران اسرائيلي فوج ڇت تي بيٺل 16 ورهين جي فلسطيني نوجوان ناري کي سڌي ريت فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو آهي. عالمي ميڊيا اداري موجب فلسطيني ڇوڪري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سوئي سدرن گئس ڪمپني پاران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بدترين لوڊشيڊنگ جو اعلان

ايس ايس جي سي بدترين لوڊشيڊنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، 24 ڪلاڪن ۾ رڳو اٺ ڪلاڪ گئس دستياب هوندي: سوئي سدرن گئس ڪمپني

صبح 6 کان 9، منجهند 12 کان 2 ۽ رات 6 کان 9 وڳي تائين گئس ملي سگهندي، ايس ايس جي سي 350 کان 400 ايم ايم سي ايف ڊي گئس جي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي

ڪراچي (م ڊ) سوئي سدرن گئس ڪمپني (ايس ايس جي سي) سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بدترين لوڊشيڊنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن بعد 24 ڪلاڪن مان رڳو اٺ ڪلاڪ گئس موجود هوندي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ قدرتي گئس استعمال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور: ريلوي وارو وفاقي وزير سعد رفيق چائنا کان آيل ٽرين جي بوگين جو معائنو ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي کي وڌيڪ ڪيسن ۾ گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

اعظم سواتي جي پٽ عثمان سواتي پنهنجي والد جي گرفتاري خلاف سنڌ ۾ نئين درخواست داخل ڪري ڇڏي، ٻڌڻي جي درخواست ڪئي وئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ عثمان سواتي جي درخواست تي جلد ٻڌڻي لاءِ درخواست منظور ڪري ورتي

عدالت آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪندي عثمان سواتي کي ٻنهي درخواستن کي ضم ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اعظم سواتي کي وڌيڪ ڪيسن ۾ گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. اعظم سواتي جي پٽ عثمان سواتي پنهنجي والد جي گرفتاري خلاف سنڌ ۾ نئين درخواست داخل ڪري ڇڏي، جنهن ۾ فوري ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آئي جو اجلاس، پنجاب اسيمبلي کي پهرين مرحلي ۾ ٽوڙڻ جو فيصلو

ٻئي مرحلي ۾ خيبرپختونخواهه اسيمبلي ٽوڙي ويندي، پي ٽي آءِ ميمبر ٻيهر قومي اسيمبلي ايوان ۾ پيش ٿيندا ۽ استعيفيٰ ڏيندا

احتجاجي تحريڪ کي چونڊ مهم ۾ تبديل ڪيو ويندو، پ پ حڪومت جي ناقص پاليسين ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي

معاشي ۽ سياسي بحران مان نڪرڻ جو واحد رستو جلد شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي صدارت هيٺ راولپنڊي سان تعلق رکندڙ اسيمبلي ميمبرن جي مشاورتي اجلاس ۾ پهرين مرحلي ۾ پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ٻئي مرحلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سينيٽر اعظم سواتي سان ڪيل ورتاءُ مذمت جوڳو آهي: علي زيدي

هن وقت ملڪ ۾ اندير نگري چرٻٽ راجا آهي، حڪومت انسانيت، جمهوريت ۽ عدل ۽ انصاف جي پٺڙي تان لهي چڪي آهي

پي ٽي ائي امپورٽيڊ حڪومت جي اهڙين حرڪتن جو بهادري سان مقابلو ڪندي انهن ماڻهن جي سيني ۾ دل نه آهي

عدالتن ۾ 21 لک کان وڌيڪ التوا هيٺ ڪيسن بدران هڪ ٽوئٽ ڪرڻ تي ڪيس هلايو پيو وڃي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پي ٽي آئي سنڌ جي صدر علي زيدي چيو آهي ته هن وقت ملڪ ۾ اندير نگري چرٻٽ راجا آهي سينيٽر اعظم سواتي سان ڪيو ويندڙ ورتاءُ نهايت مذمت جوڳو آهي. حڪومت انسانيت، جمهوريت ۽ عدل ۽ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: پي ٽي آئي سنڌ جو صدر علي زيدي پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ بهادرآباد جي علائقي ۾ ڪم ڪندڙن ننڍي عمر جي ٻار جي فوت ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌهاءِڪورٽ بهادرآباد جي علائقي ۾ ڪم ڪندڙن ننڍي عمر جي ٻار جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ عورت سميت 3 جوابدارن جي 50،50 هزار جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. عدالت ڪيس جي اڳوڻو جاچ آفيسر سجاد جي خلاف کاتي واري ڪارروائي جو حڪم ڏنو آهي عدالت ۾ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته اسان کي جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ تي ڪا به اعتراض نه آهي.

غير قانوني هٿيار، متحده ڪارڪنن خلاف حڪومت ۽ رينجرز جون اپيلون رد

عدالت 13 جوابدارن جي سزائن ۾ واڌ جي رينجرز جي درخواست به رد ڪري ڇڏي: پراسيڪيوشن

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ايم ڪيو ايم جي 13 ڪارڪنن کي مختلف سزائون ڏنيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم جي مرڪز نائن زيرو مان ڌماڪيدار مادو هٿ ڪرڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عمران خان مرضي مرضي جي رٽ لڳائي رکي آهي: شرجيل ميمڻ

منهنجي گهڙي منهنجي مرضي، منهنجي گوگي منهنجي مرضي، منهنجا فارن اڪائونٽس منهنجي مرضي، منهنجي مني لانڊرنگ منهنجي مرضي

عمران خان مرضي مرضي جي رٽ لڳائي رکي آهي، ڇا پاڪستان کي عمران خان پنهنجي جاگير سمجهي ٿو: سنڌ جي اطلاعات کاتي وارو وزير

پاڪستان ڪنهن جي مرضي ۽ خواهشن تي نٿو هلي سگهي، پاڪستان وٽ لکت ۾ آئين موجود آهي ۽ قانون کان ڪو به مٿاهون ناهي: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته "منهنجي گهڙي منهنجي مرضي، منهنجي گوگي منهنجي مرضي، منهنجا فارن اڪائونٽس منهنجي مرضي، منهنجي مني لانڊرنگ منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريڊ گرنيس جي پ پ اڳواڻ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريڊ گرنيس جي پ پ اڳواڻ بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي. بلاول هائوس ڪراچي ۾ آصفه ڀٽو زرداري سان جرمن سفير ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ پوليو خلاف مهم ۽ ان سلسلي ۾ جرمني جي تعاون سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آصفه ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو سان جرمني جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

ڊالر اڃ به مهانگو ٿي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ٻڏتر جو شڪار

اڄ صبح جو ڪاروبار شروع ٿيڻ کان وٺي ڊالر جي قدر وڌي وئي آهي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 10 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 224 رپيا 50 پئسا تي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊالر جي قيمت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن سبب پاڪستاني رپئي جي قدر ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿي رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پروين رحمان قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي نظربندي ختم

جڏهن هاءِ ڪورٽ جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته پوءِ نظربندي جو ڪهڙو جواز هو؟: عدالت

عدالت پروين رحمان قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي نظربندي بابت گهرو کاتي سنڌ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پروين رحمان قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي نظربندي ختم ڪري ڇڏي عدالت ريمارڪس ڏنا آهن ته جڏهن هاءِ ڪورٽ جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته پوءِ نظربندي جو ڪهڙو جواز هو؟ عدالت پروين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پنجاب، ڪي پي، گلگت ۽ آزاد ڪشمير جي حڪومتن اسلام آباد جو گهيراءُ ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

صوبي ۾ اٽو ۽ ٻيون شيون ختم ٿي ويون آهن. وفاقي سرڪار حصي جا پئسا نه پئي ڏئي، سڀ صوبي ۾ هڙتال ڪري اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻنداسين: خالد خورشيد خان

وفاق صحت ڪارڊ ۽ فنڊ جا پئسا نه پيو ڏئي، وفاقي سرڪار صوبي جا حق نه ڏنا ته اسلام آباد ۾ وڏو ڌرڻو هڻنداسين: خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير محمود خان

ٻوڏ متاثرن جي سهائتا لاءِ رڳو سنڌ ۽ بلوچستان کي فنڊ ڏنا ويا، پنجاب ۽ ڪي پي کي نظرانداز ڪيو ويو: پنجاب جي ناڻي واري وزير محسن لغاري

ڪراچي (رپورٽر) پنجاب، ڪي پي، گلگت ۽ آزاد ڪشمير جي حڪومتن اسلام آباد جو گهيراءُ ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي، ڪي پي ۽ گلگت جي وڏن وزيرن ۽ پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جي ناڻي وارن وزيرن پاران اسلام آباد ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

راولپنڊي: ڪمشنر ثاقب منان اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

غريب جي نياڻيءَ کي عزت سان تعليم پرائڻ جو حق نه ٿا ڏيو ته پوءِ ماري ڇڏيو: پروين رند

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد مبينا هراسمينٽ جو نشانو بڻيل شاگرديائي پروين رند جو ڪيس نوابشاهه مان دولتپور عدالت منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪنهن غريب جي نياڻيءَ کي عزت سان تعليم پرائڻ جو حق نه ٿا ڏيو ته پوءِ ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو: مبينا هراسمينٽ جو شڪار شاگرديائي پروين رند

جوابدار غلام مصطفيٰ راجپوت، هاسٽل جون ملازم عورتون فريده، عتيقا ۽ فرحين ڌمڪيون پيون ڏين، ڪيس دولتپور منتقل ٿيڻ سان حياتيءَ لاءِ خطرا وڌي ويندا

حيدرآباد (رپورٽر) مبينا هراسمينٽ جو ڪيس نوابشاهه مان دولتپور منتقل ٿيڻ تي متاثر شاگرديائي پروين رند روئي ويٺي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد مبينا هراسمينٽ جو نشانو بڻيل شاگرديائي پروين رند جو ڪيس نوابشاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي کان ڪشمور تائين صوبو بدامني جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي: محمد حسين محنتي

حڪمرانن سنڌ جي عوام کي ڌاڙيلن، چورن ۽ ڦورن حوالي ڪري ڇڏيو آهي، عوام پريشان آهي

ڌاڙيلن پاران زيادتي واري وڊيو وائرل ڪرڻ پوليس، ۽ پ پ جي ليڊرشپ جي منهن تي وردار چماٽ آهي

عزت آبرو غير محفوظ پر حڪمران مخالف ڌر خلاف پريس ڪانفرنسون ۽ جلسا ڪرڻ ۾ مصروف آهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي چيو آهي ته ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄو صوبو خاص طور تي ضلع ڪنڌڪوٽ ڪشمور بدامني جو ڳڙهه ۽ اغوا انڊسٽري بڻجي چڪو آهي جتان امن جو پڪي اڏامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪامران خان ٽيسوري سان وزيراعظم جي صلاحڪار خاتمي فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر هائوس ۾ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان وزيراعظم جي غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت خصوصي معاون فيصل ڪريم ڪنڊي گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ صوبي مان غربت جي خاتمي لاءِ قدمن، مستحق ماڻهن جي مالي مدد، ان سلسلي ۾ وفاقي حڪومت جي ڪوششن ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تعليم کاتي جي عجب ڪارڪردگيءَ جو غضب مظاهرو

برطرفيءَ جي سفارش ڪيل ڊائريڪٽر کي باعزت رٽائر ڪيو ويو

سيڪريٽري تعليم ديدار جلباڻي کي برطرف ڪرڻ بدران رٽائر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم کاتي جي عجب ڪارڪردگيءَ جو غضب مظاهرو سامهون آيو آهي، برطرفيءَ جي سفارش ڪيل ڊائريڪٽر اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جهمپير ۽ گهارو جي هوائي راهداري ۾ 33 منصوبا توانائي فراهم ڪن پيا: امتياز شيخ

1835 ميگا واٽ ماحول دوست ۽ سبز توانائي فراهم ڪري رهيا آهن، وڌيڪ ڪوششون ڪنداسين

2 گيگا واٽ جا 3 منصوبا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه منصوبا پائيپ لائين ۾ آهن: صوبائي وزير

ماحول جي حفاظت ڪندي مستقبل جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽيڪنالوجي ۽ جدت جي ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو آهي ته سنڌ ۾ جهمپير ۽ گهارو جي هوائي راهداري ۾ 33 منصوبا 1835 ميگا واٽ ماحول دوست ۽ سبز توانائي فراهم ڪري رهيا آهن. انهن خيالن جو اظهار هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن اڻڄاتل ماڻهن جا لاش هٿ

ڪراچي لانڍي منزل پمپ پل وٽ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ پيادل ٻارڙي فوت ٿي وئي

ڪراچي سپر هاءِ وي جمالي پل وٽ دلداد گوٺ 01 تان عورت جو سڙيل لاش مليو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن اڻڄاتل ماڻهن جا لاش هٿ ڪرڻ کان علاوه هڪ ٻي جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي. ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ وڌيڪ ڪو به ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ سينيٽر اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ وڌيڪ ڪو به ڪيس داخل نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت آءِ جي سنڌ کي اعظم سواتي خلاف سنڌ ۾ داخل ڪيل ڪيسز جا تفصيل پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 14 ڊسمبر تائين ملتوي ڪندي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

نوشهروفيروز انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽين ڪانفرنس منعقد

ڊسٽرڪٽ نوشهروفيروز ۾ هيومنٽي اينڊ پيس فورم آف پريا پاران ڪانفرنس منعقد ڪئي

محمد قاسم جوڻيجو، سيد امتياز حسين بخاري، نوجوان ليکڪ اعجاز علي ممنائي ۽ ٻيا شريڪ

طفيل احمد عباسي. آصف علي پٺي. غلام قادر پٺي. سجاد علي رانجهاڻي. دلدار احمد خاصخيلي شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پرياسٽي ۾ انٽرنيشنل هيومن رائيٽس آبزرور ڊسٽرڪٽ نوشهرو فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز: انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽين ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

پسند جي شادي ڪندڙ ڪراچي جو جوڙو تحفظ لاءِ دربدر، احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) : پسند جي شادي ڪندڙ ڪراچي جو جوڙو تحفظ لاءِ دربدر، مخالفن پاران مارڻ جي خدشي سبب نوشهري فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ ياد شهيد محترمه بينظير ڀٽو جلسو منعقد، خدمتن تي خراج پيش

ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي شعور ڏنو ۽ ٻڌايو ته طاقت جو سرچشمو عوام ئي آهي: نثار کهڙو

1987 ۾ ورڪر جي حيثيت سان شهيد جمهوريت جي قيادت ۾ سياسي سفر جو آغاز ڪيو

قيادت جون واڳون اڳوڻي صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي هٿن ۾ آهن

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ ياد شهيد محترمه بينظير ڀٽو جلسو منعقد ڪيو ويو جلسي کي خطاب ڪندي پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي شعور ڏنو ۽ ٻڌايو ته طاقت جو سرچشمو عوام ئي آهي. غريب عوام کي ووٽ جو حق ڏياريو ۽ غريب عوام کي حقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊومحمدخان: شهيد محترمه بينظير ڀٽو منعقد جلسي جو ڏيک

تلهار لڳ ڪار ۽ چار موٽر سائيڪل ٽڪرائجي ويا، ٽن عورتن ٻارڙي سميت 5 فوت

جمالي ڦڏدو اسٽاپ وٽ تيز رفتار ڪار سامهون اينڊڙ 4 موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر ٿي پيو

20 ورهين جو نوجوان آصف پٽ 5 ورهين جو لياقت علي پٽ موقعي تي فوت ٿي ويا

ٻي عورتون صوبيا پٽ خالده پٽ ۽ عابده پٽ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويون

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) تلهار لڳ ڪار ۽ چار موٽر سائيڪل ٽڪرائجي ويا ٽن عورتن ٻارڙي س 5 فوت جڏهن هڪ زخمي خبر موجب تلهار ويجهو تلهار ٽنڊوباگو روڊ تي جمالي ڦڏدو اسٽاپ وٽ تيز رفتار ڪار سامهون اينڊڙ 4 موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪرجي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار تلهار لڳ ڳوٺ محمد سومار جوڻيجو جو رهواسي 20 ورهين جو نوجوان آصف پٽ 5 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي مناسبت سان شهر جي روڊ رستن کي سينگارڻ جو ڪم هلندڙ

پيپلز پارٽي سٽي ٽنڊو ديرو جي صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي جنرل سيڪريٽري پاران نگراني

شهر جي مين چونڪن کي پارٽي جي جهنڊن سان سينگارڻ جو ڪم تيزي سان شروع ڪيو ويو

سٽي کي ڪنوارجيان سينگارڻ لاءِ پارٽي جهنڊن ۽ بينرن جي تياري وارو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي

ٽنڊو ديرو (رپورٽ:شاد محمود ڀٽو) راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ٽنڊو ديرو جي صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي جنرل سيڪريٽري محمد انور برڙو، انفارميشن سيڪريٽري سرفراز علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

امن ۽ ڀائيچاري واري روايت کي برقرار رکندي امن کي اهميت ڏني آهي: بابل خان پيو

شڪارپور (رپورٽر) پيو هائوس شڪارپور شڪارپور تواب مير بابل خان پيو جن پنهنجي وڏڙن جي امن ۽ ڀائيچاري واري روايت کي برقرار رکندي هميشه امن کي اهميت ڏني آهي ب. اڳواڻ سردار مير بابل خان پيوجن چيو ته نه ڪي آءُ سردار آهيان ۽ اڄ به جيڪي مرشد سائين شاهه جليل جي چانور معرفاني پيا ۽ جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مونڊر ٽاڻي جي حد ۾ مڇي جي تلاءَ تي قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو احتجاج

نوجوان دادو جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

14 ڏينهن گذري وڃڻ ۽ ڪيس داخل هئڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار نه ٿي: شاهد خشڪ

۾ هفتا اڳ هٿياربند ڪارنهن الزام تان نوجوان زاهد خشڪ کي گولين هڻي قتل ڪيو هو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ مونڊر ٽاڻي جي حد ۾ مڇي جي تلاءَ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان وارو سامرو مقتول زاهد خشڪ جي ڀاءُ شاهد خشڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ تي دادو جي ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. درخواست ۾ مقتول جي ڀاءُ ڄاڻايو آهي ته 14 ڏينهن اڳ مونڊر ٽاڻي جي حد ۾ هٿياربندن نويد شاهاڻي حميد شاهاڻي مڇي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سجاول ويجهو وڪيل تي حملو، ڦٽڻي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل، احتجاجي مظاهرو

بارايسوسيئشن جو وڪيل جنيدي سولنگي تي نامعلوم ماڻهن رستو نه ڏيڻ تان وحشياڻو تشدد ڪيو

ڦٽڻي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو. اهڙي ردي عمل تي سجاول ۽ ٺٽو بار ايسوسيئشن پاران بائيڪاٽ

پوڙهو ميمڻ، جمون ميمڻ، حضور بخش ميمڻ، عمران ميمڻ، نعمان ميمڻ ۽ ٻين خلاف ايف آئي آر داخل

سجاول (ڊ) سجاول ويجهو وڪيل تي حملو ڦٽڻي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو. وڪلا برادري پاران ڪورٽن جي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري سخت احتجاج ڪيو ويو 6 جوابدارن خلاف ڪيس داخل. تفصيلن موجب سجاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز پاران احتجاج

ملازمن جي رهيل پگهار ۽ ان ۾ واڌ ڪري ليبر ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽائون جا مزدور پگهار نه ٿيڻ ۽ پگهار ۾ واڌ نه ڪرڻ سبب فاڪا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن

چونڊيل ڪائونسلر جائز مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ بک هڙتال ڪئمپ تي اچي حمايت جو اعلان ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز پاران ٽائون ملازمن سان يڪجهدي جو اظهار ڪندي، ملازمن جي رهيل پگهار ۽ ان ۾ واڌ ڪري ليبر ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي ان موقعي تي ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ڊويزن نوشهروفيروز جي اڳواڻ امجد تگڙ چيو ته ٽائون جا مزدور پگهار نه ٿيڻ ۽ پگهار ۾ واڌ نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهرو فيروز: ورڪرز ليبر يونين اسڪارپ ايريگشن ٽيوب ويل ڊويزن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو ۾ ڪمپيوٽر سينٽر پاران ڊپلوما ۽ ٻين مختلف شارٽ ڪورسز جو اعلان

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ ڪمپيوٽر سينٽر پاران ڊپلوما ۽ ٻين مختلف شارٽ ڪورسن ۾ داخلا وٺندڙن لاءِ شاندار موقعو انٽري ٽيسٽ ۾ پوزيشن ماڻيندڙن کي 80٪ رعايت سان اسڪالر شپ تحت پڙهايو ويندو. تفصيل موجب ڪنڊيارو ۾ مبشر انسٽيٽيوٽ آف ايڪسيلنس (mie) جي ڊائريڪٽر ظهير احمد عباسي پاران جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين ۾ بدامني کي ٻنجو نه آيو ايس ايس آفيس سامهون موٽر سائيڪل چوري

پوليس جي نااهلي خاص ڪري موٽر سائيڪل ۽ گهرن مان چوري جي وارداتن ۾ اضافو

نامعلوم چورهر جي پٽ رائمل ڪولهي جي هاءِ اسپيڊ موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ بدامني کي ٻنجو نه آيو ايس ايس آفيس سامهون ٻوڙ متاثر جي موٽر سائيڪل چوري هنتي اندر ٿئي چوري سبب شهري پريشان تفصيل موجب بدين شهر ۾ پوليس جي نااهلي خاص ڪري موٽر سائيڪل ۽ گهرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خيرپور ناٿن شاهه سٽي پريس ڪلب، نيشنل پريس ڪلب ۽ مهراڻ پريس ڪلب جو اجلاس

مهراڻ پريس ڪلب جو اهم اجلاس سينيئر صحافي مختيار علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٿي گذريو

نجي ٽي وي جي رپورٽر ذوالفقار جتوئي، روزانه سنڌيار اخبار جي رپورٽر برڪت علي چانڊيو جي شرڪت

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه سٽي پريس ڪلب، نيشنل پريس ڪلب ۽ مهراڻ پريس ڪلب جو اهم اجلاس سينيئر صحافي مختيار علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٿي گذريو تفصيل موجب خيرپور ناٿن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

خيرپور ناٿن شاهه: پريس ڪلب جي اڳواڻن جي گڏجاڻي جو ڏيک

تعلقي جوهي جي ٻوڏ متاثر ڳوٺ غلام حسين گاڏهي جي رهواسين جو احتجاج

رفيق احمد، حسن، علي گل، مسمات زينب، جميلان ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

الخير، الخدمت، حلال احمر من پسند ماڻهن کي ٻوڏ متاثرين جو سامان ڏنو پيو وڃي: مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) تعلقي جوهي جي ٻوڏ متاثر ڳوٺ غلام حسين گاڏهي جي رهواسين عورتن ۽ مردن رفيق احمد گاڏهي، حسن، علي گل، مسمات زينب، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تعلقه ڪي اين شاهه جي ڳوٺ محمد بخش لغاري ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين احتجاج

اسان جا ڪتاب ٻوڏ سبب لڙهي ويا آهن ۽ اسڪول فرنيچر مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي: اڳواڻ

اسڪول فرنيچر مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي. اسان پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) تعلقه ڪي اين شاهه جي ڳوٺ محمد بخش لغاري ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپور ناٿن شاهه: ڳوٺ محمد بخش لغاري ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ نوجوانن کي ڪنيي گم ڪرڻ ۽ ظاهر نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عهديدار انعام عباسي ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌي نوجوانن غفار مرڪنڊ. امداد شاهه. موهن ميگهواڙ، الطاف دايو احتجاج ڪيو

دادو(ن سنڌيار) سنڌي نوجوانن کي ڪنيي گم ڪرڻ ۽ انهن کي ظاهر ڪري آزاد ڪرڻ لاءِ سنڌ سبا پارٽي ضلع دادو پاران دادو پريس ڪلب سامهون تنظيم جي عهديدار انعام عباسي ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڊي سي شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ اجلاس، عملدارن جي شرڪت

بجلي جي غيراعلانيل جي عملدارن جو هڪ اجلاس سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو

شهري علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ حيسڪو عملدارن جو هڪ اجلاس اڄ سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو انتظاميه کي هدايت ڪندي چيو ته ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوابشاهه: ڊي سي شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو

سجاول جي رستن تان ٽرڪن مان سامان لاهڻ جو سلسلو بند نه ٿيو

ٽرڪن مان گاڏيون هلندي 90 چانورن جا ڪٽا لهي ويا، گاڏي وارن جو احتجاج

وڏنڍڙ چورين خلاف ٽرڪ ۽ اڏي مالڪن عثمان سميجو، راجه صوفي احتجاج ڪيو

سجاول (رپورٽ:ممتاز علي ٺهڙيو) سجاول جي رستن تان ٽرڪن مان سامان لاهڻ جو سلسلو بند نه ٿيو انتظاميه خاموش، گذريل رات ٻن ٽرڪن مان گاڏيون هلندي 90 چانورن جا ڪٽا لهي ويا گاڏي وارن پاران احتجاج. تفصيلن موجب سجاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جسقم چيئرمين جي صدارت هيٺ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

صنعان خان قريشي جي اڳواڻي ۾ مونڊر ناڪو کان دادو پريس ڪلب تائين مارچ

سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا ٻوڏ ۽ برسات متاثرين جي ڪا به واهر نه ڪئي: صنعان خان

دادو(ن سنڌيار) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي دادو پهتو جسقم دادو سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪن جسقم چيئرمين جي آجيان ڪئي. جسقم چيئرمين جي اڳواڻي ۾ مونڊر ناڪو کان دادو پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: جسقم چيئرمين جي صدارت هيٺ ڪارڪنن پاران احتجاج ريلي ڪڍي وئي

مورو ويجهو درگاهه جمال شاهه وٽ ڳوٺ حاجي آچر زرداريءَ ۾ گهر تي هلان، احتجاج

صدام حسين زرداريءَ، منور علي زرداريءَ، مسمات حليمان، ڪريمان زرداري احتجاج ڪيو

ڏنڊا سرون هڻي زخمي ڪيو هو ۽ اسان عورتن معصوم ٻارڙن تي پڻ تشدد ڪيو هو: مظاهرين

مذڪورا ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ويجهو درگاهه جمال شاهه وٽ ڳوٺ حاجي آچر زرداريءَ ۾ گهر تي هلان ڪري عورتن معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪرڻ واري عمل تي متاثر رهواسين صدام حسين زرداريءَ، منور علي زرداريءَ، مسمات حليمان، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز: مورو ويجهو ڳوٺ حاجي آچر زرداريءَ جا متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ شهر ۾ نوجوان نسل نشي جو عادي بڻجي ويو، پوليس پاران ڪارروائي

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ شهر ۾ نوجوانن کي نشي جو عادي ۽ موالي ڪندڙن خلاف سڪرنڊ پوليس جي سخت ڪاروائي شهر جي مختلف هنڌن تي ڪچو شراب ۽ ٺرو پهچائيندڙن خلاف ناڪا بندي ڪانهي، سڪرنڊ جي ڳوٺ ٽڳهاٽ مان شهر اينڊڙ ڪار جو پيڇو ڪيو ويو جنهن تي ڪار ڊرائيور شراب سميت ڪار ڇڏي فرار ٿي ويو ناڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پرياسٽي تعلقه بار ۾ يونائيٽيڊ لائيرز پينل پاران چونڊون کٽڻ جي خوشي ۾ پروگرام

ريلي بار کان يونائيٽيڊ پينل جو سرواڻ ايڊووڪيٽ نثار احمد چنا جي اڳواڻي ۾ نڪتي

ايڊووڪيٽ عابد علي راجپوت ميڊم سعيده عمراڻي ايڊووڪيٽ محبت خان بلادي شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي تعلقه بار ۾ يونائيٽيڊ لائيرز پينل پاران چونڊون کٽڻ جي خوشي ۾ شاندار پروگرام رکيو ويو ريلي نوشهروفيروز بار کان يونائيٽيڊ پينل جو سرواڻ ايڊووڪيٽ نثار احمد چنا ضلعي بار جي چونڊيل جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ شوڪت علي پوهير تعلقه بار پريا جي صدر ايڊووڪيٽ نثار ملاح ايڊووڪيٽ عبدالقادر خانزاده ۽ ٻين جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪيمبرج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني ملهايو ويو

پروفيسر عبدالعزيز ٻبر ۽ محمد صديق ٻبر طرفان ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني سان ملهايو ويو

شاگردن ۽ شاگردياڻين توڙي استادن ثقافتي ويس وڳا ۽ اجرڪ ٽوپيون پائي محبت جو اظهار ڪيو

ثقافتي ڏهاڙي قديم سنڌي ثقافت جون ريتون رسمون اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ڪيمبرج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ پرنسپال سائين محمد اعظم ٻبر ۽ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جي پروفيسر عبدالعزيز ٻبر ۽ محمد صديق ٻبر طرفان ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني سان ملهايو ويو تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ڪيمبرج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ پرنسپال سائين محمد اعظم ٻبر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خيرپور ناٿن شاهه: ڪيمبرج پبلڪ هاءِ اسڪول ڪي اين شاهه ۾ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني ملهايو ويو

حڪومت پاران عوام کي سستي اگهه تي اٽو فراهم ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران عوام کي سستي اگهه تي اٽو فراهم ڪرڻ واري اعلان تي سڪرنڊ جي انتظاميه عمل ڪرائي نه سگهي جڏهن ته سڪرنڊ تعلقي اندر اٽو مهانگي اگهه تي وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته دڪانن تي اٽو 100 کان 110 روپيا وڪرو ٿيڻ ڪري غريب طبقو ٻه ويلا ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهي جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو ديرو لڳ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو ميلو پنجوديرو ۾ شروع

عرس مبارڪ هن سال به پنهنجي روايتي حسن سان اڄ 13 ڊسمبر کان شروع ٿيندو

عرس جي موقعي ختم القرآن مڪمل ڪري خطي جي امن ۽ ڀلائيءَ جون دعائون گهريون وينديون

ڳوٺ جي معززين طرفان پڻ ذاتي طور تي درگاهه جي ڪم ڪار ۾ حصو ورتو ويندو آهي: نورمحمد چنه

ٽنڊو ديرو (رپورٽ:شاد محمود ڀٽو) ٽنڊو ديرو لڳ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو ميلو پنجوديرو ۾ شروع ٿي رهيو آهي گذريل ٻن صدين کان هلندڙ درگاهه سيد لطيف شاهه بخاريءَ جو عرس مبارڪ هن سال به پنهنجي روايتي حسن سان سياڻي 13 ڊسمبر کان شروع ٿي رهيو آهي ميلي جي آغاز کان هڪ رات قبل يعني اڄ رات محفل شبينه ٿيندي جنهن ۾ حافظ قرآن سگهورا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايريگيشن ۽ ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ گندو پاڻي نيڪال نه ڪرڻ خلاف احتجاج

گندو پاڻي نيڪال ڪرڻ خلاف ڳوٺ پير پڙتو، چٽل راڄپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڊرينيج جو پاڻي سرحل شاخ ۾ نيڪال ڪري پيچڙي جي ڳوٺن کي هٿ سان ٻوڙايو پيو وڃي: مظاهرين

ڪامورن خلاف ڪاروايي ڪري سرحل شاخ جي پيچڙي وارن ڳوٺن ۽ فصلن کي بچايو وڃي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (ڊ) ايس ڊي او ايريگيشن پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ سڄي شهر جو گندو پاڻي نيڪال ڪرڻ خلاف ڳوٺ پير پڙتو، چٽل راڄپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.ان موقعي تي ميڊيا اڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: ٽائون انتظاميا پاران سرحل مائينر ۾ گندو پاڻي نيڪال نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي

شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون، 2 جوبدار گرفتار، 2 موٽرسائيڪلون هٿ

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس جون ڪاروائيون 2 جوبدار گرفتار 2 موٽرسائيڪلون هٿ ٽاڻي ڪرن پوليس هٿنو اڳ ڦر ٿيل 125 موٽر سائيڪل هٿ ڪري مالڪ هادي بخش ولد محمد گل بروهي جي حوالي ڪري ڇڏي آهي ٽاڻي ڪرن پوليس هٿنو اڳ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري مالڪ علي محمد ولد حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن طرفان واپڊا جي ناجائزين خلاف احتجاج

سنڌ بلوچستان رائيس ملرس طرفان واپڊا خلاف ڪيل احتجاج جي حمايت ڪئي وئي

واپڊا جي طرفان لڳايل ناجائز واڌو ٽيڪس، مسلسل غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف ريلي

سيٺ بچومل، امداد ميمڻ، مهيش ڪمار، مسعود احمد ميمڻ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن طرفان واپڊا جي ناجائزين، واڌو ٽيڪس ۽ غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج، سنڌ بلوچستان رائيس ملرس طرفان واپڊا خلاف ڪيل احتجاج جي حمايت: تفصيل موجب شڪارپور رائيس ملرس ايسوسيئيشن جي صدر حاجي زبير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ واپڊا جي طرفان لڳايل ناجائز واڌو ٽيڪس، مسلسل غير اعلانيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٻنون، لائقپور، ابڙال ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ چتن ڪتن جو آزار

دڙو سميت مختلف علائقن ۾ 10 کان وڌيڪ ڪتن ڏاهڻ جا ڪيس رپورٽ ٿيا

شهرن جي چوراهن ۽ گلين ۾ رولو ۽ چتن ڪتن جا ڪيترائي ولر هر وقت موجود رهن ٿا

انتظاميا طرفان رولو ڪتن جي آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ اڃا تائين ڪي جوڳا قدم نه کنيا ويا

دڙو (رپورٽ:شرڪت ميمڻ) دڙو، ٻنون، لائقپور، ابڙال ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ رولو ۽ چتن ڪتن شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو دڙو سميت مختلف علائقن ۾ 10 کان وڌيڪ ڪتن ڏاهڻ جا ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جڏهن ته شهر ۽ ڳوٺ رولو ۽ چتن ڪتن سان ڀريل آهن. دڙو سميت مختلف شهرن جي چوراهن ۽ گلين ۾ رولو ۽ چتن ڪتن جا ڪيترائي ولر هر وقت موجود رهن ٿا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اين پي پي اڳواڻ امير علي جتوئي جون شڪارپور شهر اندر ماڻهن سان تعزيتون

شڪارپور (رپورٽر) اين پي پي اڳواڻ امير علي جتوئي جون شڪارپور شهر اندر مختلف برادرين جي ماڻهن سان تعزيتون ڪيون : تفصيل موجب : امير علي جتوئي خانچند آباد ڀرسان سائين حفيظ الله سومرو جي والده جي وفات تي سنڌس سان تعزيت ڪئي ، حيدري محلا ڀرسان شعيب احمد مغل جي والده جي وفات تي سنڌس سان تعزيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 13 ڊسمبر 2022ع

ڪنهن در ڏجي دانهڙي

عوام کي رليف پهچائڻ جي ذميواري حڪومت تي آهي. ان جي ڪوشش هجڻ گهرجي ته حالتون ڪهڙيون به هجن پر عوام تي گهٽ ۾ گهٽ معاشي بار وجهجي يا ان جي کيسي تي وزن وڌڻ نه ڏجي مهانگائي سبب عوام اڳ ئي ڪليل مارڪيٽ ۾ پريشان آهي. پر سرڪار به ان کان سيڪي سهولتون کسي پنهنجي پورٽ ڪرڻ ۾ لڳي پئي آهي جنهن ڪري عام ماڻهن لاءِ جيئڻ ۾ اهڙي پريشان واري صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. مهانگائي جي لاءِ جيئڻ جا سڀ رستا سوڙها ڪري رهي آهي ۽ ڪي عوام واري جي ڏکي ڪري رهيا آهن پر واپس وٺي رهي آهي ڪليل مارڪيٽ ۽ اگهه گهرج ۽ رسد جي بنياد تي ٺهندا آهن پر انهن لاءِ به قيمتن تي ڪنٽرول وارا ادارا ڪم ڪندا آهن يا وري ضلعي انتظاميا جي ذريعي انهن تي نظرداري ڪئي ويندي آهي. سرڪار وري مڪمل نه سهي پر عوام کي کاڌي پيتي جي عام شين جي مناسب اگهه تي دستيابي لاءِ ننڍن وڏن شهرن ۾ يوٽيلٽي اسٽور کوليا جتي عام مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ رعايتي اگهن تي ڪنهن حد تائين شيون ملنديون آهن انهن يوٽيلٽي اسٽورن تائين توڙي جو سموري عوام جي پهچ ناهي يا انهن هر وقت هر سامان مهيا نه هوندو آهي پر به ڪنهن حد تائين اتي عوام کي سستيون شيون ملنديون هيون پر سرڪار هينئر انهن کان هن مهانگائي جي دور ۾ اها سهولت به کسي ورتي آهي جنهن ڪري هاڻي عام ماڻهو مڪمل طور ڪليل مارڪيٽ جو محتاج ٿي ويو آهي.

خبر آهي ته وفاقي حڪومت ملڪ اندر يوٽيلٽي اسٽورن تي عام مارڪيٽ کان گهٽ اگهه تي ڪاڪمنڊ عام واهپي ۽ استعمال جي شين جي قيمتن ۾ غير معمولي اضافو ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي پوءِ عام مارڪيٽ ۽ يوٽيلٽي اسٽورن تي ملندڙ شين جي اگهن ۾ فرق لڳ ڀڳ ختم ٿي ويو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق يوٽيلٽي اسٽورن تي گيهه جي في ڪلو جي قيمت 71 روپين جو اضافو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پنج ڪلو گيهه جي قيمت 695 روپين جي واڌ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪلو ديسي گيهه جي هڪ ڪلو قيمت 220 روپين جي واڌ ڪري في ڪلوجي قيمت 1540 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. نوڊلز جي قيمت ۾ 20 روپين جي واڌ ڪئي وئي آهي جنهن بعد هڪ وارن نوڊلز جي قيمت 227 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. 800 گرام وارو ٽماٽو ڪيچپ جي قيمت ۾ 30 روپين جي واڌ ڪري ان جي نئين قيمت 318 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. 800 گرام لوڻ جي قيمت ۾ 10 روپيا، مينگو مربي جي قيمت ۾ 29 روپين جي واڌ ڪئي وئي آهي. گرم مصالن جي پيڪيٽ جي قيمت ۾ 10 کان 30 روپيا 800 گرام پارن جي ڪلو ڪيڪ جي قيمت ۾ 120 روپين جو اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن بعد 800 گرام خشڪ ڪيڪ جي قيمت 1690 روپين کان وڌائي 1810 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. 50 گرام ڪافي جي قيمت ۾ 145 روپيا ۽ 200 گرام ڪافي جي قيمت ۾ 370 روپين جي واڌ ڪئي وئي آهي. صابڻ جي قيمت ۾ 5 روپيا 40 پئسا ۽ هينڊ واش 450 ملي گرام جي لڪيوڊ جي قيمت ۾ 20 روپيا ۽ ٻوٽ پالش جي ڏٻي جي قيمت ۾ 20 روپيا جي واڌ ڪئي وئي آهي ايئن يوٽيلٽي اسٽورز تي ڪولڊ ڊرنڪ سمورين شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي.

اسان سمجهون ٿا ته مهانگائي يوٽيلٽي اسٽورز تان سامان خريد نه ڪندو آهي پر جيڪو به اتي پهچندو آهي ته ان کي عام مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ ڪجهه شيون مناسب اگهه تي ملي وينديون هيون. ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته مهانگائي سبب ڪليل مارڪيٽ ۾ جتي سڀني شين جا اگهه وڌي رهيا هئا ته حڪومت يوٽيلٽي اسٽورن ۾ واڌ ڪري ۽ انهن جا اگهه اڃا به گهٽ ڪري عوام کي ڪنهن قدر سهولتون مهيا ڪري ها ته جيئن عام مارڪيٽ تي به ان جو اثر پوي ها. پر حڪومت عوام کان اها سهولت به کسي ڪين مڪمل طور ڪليل مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي جنهن سان انهن عام استعمال جي شين ۽ کائڻ پيئڻ جي شين جي اگهن ۾ اڃا به واڌ ٿيندي. تنهن ڪري سرڪار فوري طور پنهنجي انهي فيصلي تي نظر ثاني ڪري جيئن يوٽيلٽي اسٽورز تان فائدو حاصل ڪندڙ عوام محروم نه ٿئي.

ڪهاڙيءَ ڏيون ڏوهه ڪهڙو اياز!

اعجاز منگي

وڏيرڪو يا ڀوتارڪو نظام وقت سان گڏ پري جهڙي ختم ٿي وڃڻ کپي ها. ڇو ته ارتقاءَ جي سفر ۾ نه صرف اوزار پر ڪردار به تبديل ٿيندا رهن ٿا. اهو جدلياتي قانون آهي. ان کي ڪير به تبديل ڪري نه ٿو سگهي. پر اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ڏاند گاڏيءَ کان وٺي پراڊو تائين جيڪو سفر ٿيو آهي. ان ۾ وڏيري جو ڪردار نه صرف ساڳيو رهيو آهي پر اهو وقت سان گڏ وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ٿيو آهي.

هڪ وقت ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته جڏهن سنڌ ۾ تعليم عام ٿي ته وڏيرڪو نظام ڪنهن پٽ وانگر ڍهي پوندو. سنڌ ۾ تعليم عام ٿي جيستوڻيڪ هن وقت به تعليم کاتي ۾ پوليس کاتي کان وڌيڪ ڪرپشن آهي. پر پوءِ به الف اک ۽ ب بدڪ جا اڄار ننڍن وڏن ڳوٺن مان اڀرن ٿا. اڳ ۾ وڏيرو واقعي به اسڪولن جي وجود جو ويري هو. هو ڪتاب ڏسي ڇرڪي ويندو هو. هو سمجهندو هو ته قلم ۽ ڪتاب هن جي ڪلاس لاءِ ڪات ڪهاڙا آهن. پر اها هن جي ڀل هئي. هن پئسي جي زور تي پنهنجا ٻار وڌيڪ بهتر نموني پڙهايا. نتيجي ۾ ڇا ٿيو؟ ٿيو اهو ته وڏيري جو پٽ صاحب بڻجي ويو ۽ ڪمدار جو پٽ ڪلارڪ ۽ هاريءَ جو پٽ پٽيوالو!! نظام نه صرف ساڳيو رهيو پر اهو پهرين کان وڌيڪ قانوني ۽ وڌيڪ سنگين ٿي سامهون آيو.

هن وقت به ڇا آهي؟ حقيقت اها آهي ته وڏيري جي اوطاق جو نالو تبديل ٿي بنگلو بڻجي ويو. ان بنگلي تي هن وقت به لکيل پڙهيل ماڻهن جا راڄ آهن. هر ڪنهن جي هٿ ۾ درخواست آهي. ڪنهن جي پٽ کي نوڪري کپي. ڪو بدليءَ لاءِ منٿون پيو ڪري. ڪنهن کي ٿاڻي تان گهرياتي ڇڏرائڻو آهي. ڪنهن کي پاڻي. ڪنهن کي راشن. ڪنهن کي بيمار لاءِ دوا دارون!! هن وقت سنڌ جو سماج جيتري حد تائين وڏيرڪي نظام جي پاڪر ۾ پڪوڙيل آهي. اڳ ايترو نه هو اڳ وڏيري يا ڀوتار جي طاقت گهٽ هئي. وقت سان اها وڌي آهي. ممڪن آهي ته ڪجهه دوست ان سان اختلاف ڪن پر مان پنهنجي پوري شعوري سچائيءَ سان سمجهان ٿو ته نظام جي تارازيءَ ۾ وڏيرو وڌيڪ وزن وٺي ويو آهي.

ان سلسلي ۾ اهو سوال پيدا ٿيڻ لازمي آهي ته ڇو؟ ڇو ته وڏيرو سياسي سگهه جو مالڪ بڻجي ويو ۽ هن پنهنجي ڪردار کي وقت جي رفتار سان تبديل ڪري ورتو هڪ وقت اهو هو جو اڪثر وڏيرا ملڪيت ۽ پنهنجي مانَ شانَ جي خلاف سمجهندا هئا ته هو نياڻين جون شاديون ڪرائين. ان موضوع تي سنڌي ادب تمام شاندار جنگ به جوٽي. پر صرف ڊرامن ۽ افسانن جي ڪري وڏيري جو عورت دشمن رويو تبديل نه ٿيو. جڏهن هن جي ٻارن تعليم حاصل ڪئي. تڏهن وڏيرن جا تعليم يافتا پٽ ۽ پوٽا نهايت نفيس ۽ انتهائي شاطر وڏيرا بڻجي ويا. انهن کي معلوم ٿي ويو ته اصل طاقت راڄ جي ماڻهن مٿان ظلم ڪرڻ ۾ ناهي. پر اصل قوت ان ۾ آهي رياست جي راڄ ۾ شرڪت ڪجي. حڪومت جو حصو ٿجي. ان جو مطلب ته سياست ڪجي. انهن سياست ڪئي ۽ هاڻي عام طور تي پاڪستان ۽ خاص طور تي سنڌ جي سياست ته آهي ئي وڏيري جي مٺ ۾!!

اهو وقت گذري ويو. جڏهن وڏيرو پارٽيءَ جو محتاج هو. هاڻي پارٽيون وڏيرن وٽ يرغمال آهن ڇو ته وڏيرن پنهنجي طبقي جو اهڙو نيٽ ورڪ جوڙي ورتو آهي. جنهن سان هو پنهنجا ٽارگيٽ آسانيءَ سان حاصل ڪري وٺن ٿا. اهوئي سبب آهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جو سرواڻ آصف زرداري هر اسرنڌڙ وڏيري کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪندو ٿو وتي. هن کي معلوم آهي ته جيڪڏهن هو اهو ڪجهه نه ڪندو ته ايندڙ وقت ۾ هن جي خلاف هڪ متبادل وجود ۾ ايندو. اهڙي طرح وڏيرڪو راڄ سنڌ جي روح مٿان قابض ٿي ويو آهي. هوان طرح سان سنڌ کي هيسائي ۽ پنهنجي هٿ ۾ ڪري ويو آهي جو سنڌ جو لکيل پڙهيل طبقو به وڏيري سان سيلفي ڪڍرائڻ ۾ ڪو شرم ۽ ڪالچ محسوس نه ٿو ڪري.

وڏيرڪو طبقو صرف سياسي سگهه سبب ايترو ته طاقتور بڻجي ويو آهي جو هن دور ۾ هن سوشل ميڊيا جي دور ۾ به هو هٿن سان ڪيل خون لوڙهي ٿو ڇڏي ۽ هن جو وار به ونگو نه ٿو ٿئي. ڇو ته هن جي مٿان حڪمران جماعت جو هٿ آهي ۽ ان حڪمران هٿ جو مالڪ ڪير آهي؟ هن جو نالو ڪهڙو آهي؟ ان جو نالو آهي آصف علي زرداري ۽ هن سان ان مقدس مشن ۾ ڪير ساڻ آهي؟ هن جو آمريڪا مان اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ هن جو پڳدار پٽ بلاول ڀٽو زرداري!! انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪري هاڻي سنڌ جي ڪريٽ سرڪاري انجنيئرنگ جو ڪامياب ڪارنامو سرانجام ڏيندڙ جناب مراد علي شاهه ۽ ڪالمن جي لفظن کي ڏاڪڻ بڻائي وزارت ماڻيندڙ سائين سردار شاهه ۽ انهن جهڙا نيڪ روشن ۽ نيڪ نام فردا!! انهن پاڻ ۾ گڏجي هڪ اهڙي سٽ سٽي آهي جو ان ۾ ناظم جوکيو جهڙي نوجوان جو لاش بنا انصاف جي مٽيءَ سان ملي مٽي ٿي وڃي ٿو.

حق ۽ انصاف جي اک سان ڏٺو وڃي ته ناظم جوکيو جديد سنڌ جو هيرو هجڻ گهرجي ۽ هو آهي به! ڇو ته هن کي اها ڳالهه پسند نه هئي ته عرب شڪاري وڏيرن کي وانو بڻائي هن جي ڌرتي ۽ هن جي ڳوٺ ۾ بازن، عقابن ۽ بندوقن سان پکين جا شڪار ڪن هن کي صرف هڪ وڊيو ٺاهڻ جي ڏوهه ۾ سڄي رات تشدد جو شڪار بڻائي قتل ڪيو ويو ۽ جڏهن هن سوشل ميڊيا جي دور ۾ هن جي وني موبائل فون ذريعي فرياد ڪئي ۽ ان جي فرياد تي ممڻ متو ته يڪدم حڪمران جماعت حرڪت ۾ اچي وئي. پهرين اها ڏوهارين کي ٻاهر وني وئي. پوءِ معاملي کي لٽ مٽي ڪري. انهن کي واپس گهرائي. هڪ اهڙي موڙ تي ڪٿي آئي. جنهن موڙ تي معافين جا ميل پٿر عام جام هوندا آهن.

اسان واپس پنهنجي موضوع طرف ايندي اهو دليل اڳتي ٿا وڌايون ته وڏيري کي طاقت ڏيڻ واري قوت سياست ته آهي ئي آهي پر هن کي صرف سياست هرگز بچائي نه ٿي سگهي. جيڪڏهن هن جي پويان ڪاموراشاهيءَ جي قوت نه هجي. ڪامورا شاهيءَ جي پوري قطار جبر سان ڪٿي آيل هڪ مجرم صفت ۽ عادي بنيادي لٽيري شخص کي وزارت جي مسند تي ڏسي وات مان گگ ڳاڙي ڪيس مبارڪون پيش ڪري ٿي ۽ پوءِ هن کي ناجائز ڪمن سان جائز گس ۽ پيچرا ٺاهي ٿي. جيڪڏهن اسان ڏسون ته سنڌي بيوروڪريسيءَ ۾ تمام گهڻا آفيسر اهي آهن. جيڪي مڊل ڪلاس مان پڙهي ڪرسين جا مالڪ ٿيا آهن. اصولي طور تي انهن کي پنهنجي طبقي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. هن کي ان قوت خلاف ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ کپي. جنهن جي خلاف هن شاگرد جي حيثيت سان تعليمي اداري ۾ استادن. عالمن ۽ دانشورن جا ليڪچر ٻڌا هئا. جن جي خلاف هن ڪجهه ڪتاب ۽ ڪيترائي پمفليٽ پڙهيا هئا. جن جي خلاف هن پٿين تي چاڪنگ ٽيل ڏني هئي. جن جي خلاف هن ڪڏهن ڪردار ادا ڪرڻ جو سوچيو به هو. پر هو جڏهن مٿي آيو جڏهن هن عملي زندگيءَ ۾ پير پاتو. تڏهن ته هن کان علمي زندگي جا اصول وسري ويا. پوءِ هن جو سمورو ڪم اهو رهيو ته هو ڪهڙي طرح پنهنجي محبوب منسٽر کي هر طرح سان خوش ۽ خوشحال ڪري.

وڏيرو ڪاموري کان سواءِ ڪجهه به ناهي. جيڪڏهن ڪامورو نه چاهي ته هو ڪک جيتري ڪرپشن به نه ٿو ڪري سگهي. پر هتي اسان پنهنجين اکين سان جيڪي ڪيس ڏسون ٿا. انهن جي هرجهلڪ اسان جي لونءِ ڪانڊاري ڇڏي ٿي.

ڪامورا ته ڪامورا پر اسان جا ڪيترائي اديب. اسان جا دانشور. اسان جا شاعر ۽ اسان جا سرڪش صحافي وزير وڏيرن ۽ انهن جي چاڙتن جي پيرن ۾ ايئن پيا آهن. جيئن سائو گاهه!!

ڇا اسان جي اديبن ۽ سجاڳ حلقن کي اها خبر ناهي ته پيپلز پارٽيءَ سنڌ سان اهڙي تعدي ڪئي آهي جهڙي تعدي تاريخ ۾ هن ديس ۽ هن قوم سان ڪنهن نه ڪئي هئي؟ هاڻي ته هڪ هڪ فرد کي معلوم آهي ته هن پنيور کي لٽڻ ڦرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪنهن جو هٿ آهي؟ پر سوشل ميڊيا يا ڪراچيءَ جي خوشبودار ماڳن مڪانن جون رنگين ۽ مدهوش راتيون شاهد آهن ته انهن جي اکين سدائين اهل علم ۽ اهل ادب کي پنهنجي ڪوٽن سان وزيرن جي پيرن جا جوتا چمڪائيندي ڏٺو آهي. ان صورت ۾ ڪنهن به ڪريٽ وڏيري کي ڪهڙي پرواهه؟ جڏهن ڪامورا هن سان گڏ هجن. جڏهن ٻاهرين ملڪن مان قانون جو علم حاصل ڪندڙ وڪيل انهن جي مدد لاءِ هر وقت حاظر ناظر هجن. جڏهن اديب جا قلم ۽ شاعرن جا لفظ ڪارن ۽ ڪريٽ وزيرن جي خوشامد ۾ خواريءَ کان به نه ڊڄن. جڏهن پاڻي جي پئسن سان ڪرپشن ڪري ترقي ڪندڙ کي هڪ صحافي دل سان قبول ڪري پنهنجين صلاحيتن سان ان کي چلڪائڻ جي ڪوشش ڪري. جڏهن هڪ محقق ڪامورو ڪرسيءَ تي ويهي ڪريٽ وزير جي هر طرح سان مدد ڪري. جڏهن هڪ مستند اديب هڪ وزير جي نالي ڪتاب جو انتساب ڪري. تڏهن وڏيرڪي نظام کي پنهنجي وجود وڃائڻ جو خوف ڇو ٿيندو؟ هو ته هر طرح سان پهرين کان وڌيڪ وڌي ۽ ويجهي رهيو آهي.

اياز لکيو هو:

"ڪهاڙيءَ ڏيون ڏوهه ڪهڙو اياز؟
ڪپي جڙ اسان جي ويو ڪالهه ڳن"

وڏيرن جي ڪهاڙين جا اصل ڳن ڪامورا آهن. اهي مڊل ڪلاسي ڪردار آهن. جيڪي علم ۽ ادب کي ايئن وڪڻن ٿا. جيئن بصرو ۽ پٽاٽا وڪڻبا آهن.

سنڌ جي سورن جو سبب اها وڏيرا شاهي آهي. جيڪا وقت سان گڏ ختم ٿيڻ بدران پاڻ کي جديد سرمائيداري نظام وانگروات ۽ حالتن مطابق تبديل ڪري اڃان وڌيڪ تکي ۽ خطرناڪ ٿي رهي آهي. اها نه صرف پهريان کان وڌيڪ موتمار آهي پر پنهنجي تعداد ۾ به مسلسل اضافو ڪندي رهي ٿي. ڇا اسان اهو نه ڏٺو آهي ته علم ۽ ادب جا هوڪا هڻندڙ ماڻهو جڏهن ڪرپشن سان ملي وزير ۽ مشير ٿين ٿا. تڏهن اک ڇنڀ ۾ انهن جي پراڊو انهن جي فارم هائوس مان نڪرندي نظر اچي ٿي.

ماکَ پِچائِنِ مولِهيا، مٿان راتِ پئِي؛
اوليون اُجهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهي، ڪَڏهِن ڪونه آئِيو.

اٽو لٽو اجهو وارو نعرو ۽ غريب عوام

غلام حيدر ڪوڪر

پيپلزپارٽي 30 نومبر تي 55هين يوم تاسيس جي حوالي سان ڌماڌو ملهائيندي پارٽي قيادت پارٽي جي جدوجهد ۽ ان جي ڪاميابي تي ڳالهائڻ سان گڏوگڏ پي ٽي آئي قيادت تي روايت مطابق تنقيد جو نشانو بڻايو نه صرف اهو بلڪ رٽائرڊ آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه جو نالو وٺڻ کان سواءِ ڪيس جواب ڏيندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اها سياسي صلاحيت هئي جنهن 90 هزار جنگي قيدين کي آزاد ڪرايو، هندستان کي پنهنجي موقف تان ڀوئٽي هٽائيندي ڳوڏا کوڙائي ڇڏيا. ان کان سواءِ ملڪ کي ايٽمي قوت بڻايو 73ع جو متفق آئين ڏنو ڪراچي واري جلسي ۾ بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ڪارڪردگي جي حوالي سان تعريف پڻ ڪئي پر صوبي ۾ ڪرپشن جي پکڙجندڙ ناسور واري بنيادي جڙ جي خاتمي ۽ ان کي روڪڻ جي حوالي سان ڪوبه ذڪر نه ڪيو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هڪ ته بلاول ڀٽو زرداري کي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان جيڪي بريفنگ ڏنيون پيون وڃن ان مطابق ته سنڌ ۾ کير جون نديون وهي رهيون آهن. ڪينسر وانگر جڙ پڪڙيندڙ ڪرپشن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي بغير ڪنهن رشوت ڏيڻ جي عوام جا ڪم ڪارتي ڪارتي رهيا آهن. پوليس، تعليم، صحت سميت هر کاتي ۾ بغير سفارش ۽ رشوت جي عوام جا بنيادي مسئلا حل ٿي رهيا آهن.عوام کي ڌڪا ٿاٻا کائڻ جي ڪابه ضرورت ناهي گهر ويٺي ڪين انصاف ڏنو پيو وڃي. يعني پيپلزپارٽي پنهنجي بنيادي فلسفي نعري تي عمل ڪندي اٽو لٽو اجهو "روٽي ڪپڙا اور مڪان" تي مڪمل طور عمل ڪري رهي آهي ۽ تقريبن 14 سالن کان وڌيڪ سنڌ ۾ حڪمراني جي دوران ان تي اکيون ٻوٽي عمل ڪري رهي آهي سنڌ جو عوام ايترو ته خوشحال ٿي ويو آهي جنهن کي هاڻي ڪنهن به قسم جي شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهندو بلڪه عوام پاڻ مرادو تعريفن جا بند ٽوڙي ڇڏيا آهن هر ڳوٺ، شهر واهڻ ۾ هر طرف تعريفن جا گيت ڳايا پيا وڃن عوام جيئي جيئي جي نعرن تي جهمريون پائي رهيو آهي. اهي خوابن واريون بريفنگون خوبصورت عمارت جي ان شيشي واري هال ۾ پرفضا ماحول ۾ ڪيس ڏئي ان پٽ تي ٽنگيل پيناافليڪس ۾ روشنين ۾ ٻڌايو ويندو آهي ته سڄي سنڌ سرسبز شاداب بڻجي رئي عوام کي اٽو لٽو ۽ اجهو فراهم ڪرڻ واري نعري تي عمل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري عوام پيپلزپارٽي کي هلندڙ سال جي شروع ۾ چار کان مٿي ڊويزنن ۾ بلدياتي چونڊن ۾ ڪامياب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايندڙ سال جي پهرين مهيني ۾ باقي رهيل حيدرآباد ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ ٿيندڙ بلدياتي چونڊن ۾ به ڪامياب ڪري ڇڏيندو. اهو آهي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جي واڪاڻ جو بنياد. جنهن جو ذڪر پاڻ مٿي ڪري چڪا آهيون هاڻي پاڻ اچون ٿا سنڌ حڪومت جي اهڙي دعويٰ طرف ته واقعي اٽو لٽو اجهو واري بنيادي فلسفي نعري تي عمل ٿي ويو آهي؟ جنهن جو سنڌ جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي جواب عوام جي حالت زار کي ڏسندي "نه" ۾ اچي ٿو جيڪڏهن صرف گذريل چوڏهن سالن جي دوران پيپلزپارٽي پنهنجي ان بنيادي نعري اٽو لٽو اجهو تي عمل ڪري ها ته واقعي اڄ سنڌ جي صورتحال اها نه هجي ها جو سنڌ جو ڪوبه اهڙو ڳوٺ، شهر ۽ واهڻ ناهي جتي بنيادي سهولتون مهيا ناهن. غربت مهانگائي جي چڪي ۾ عوام پيسجي رهيو آهي ڪين هڪ وقت پيٽ پالڻ مشڪل ٿي ويو آهي جسم تي ڪپڙو ناهي جيڪي جهرپڙيون يا ڪکاوان گهر هئا اهي به ٽي مهينا پهرين برسات ۽ ٻوڏ جي نذر ٿي ويا جن جا نشان مٽجي ويا آهن لکين ماڻهو بي گهر ٿي ويا. اڄ به ڪيترن ئي ضلعن جي ڳوٺن ۽ شهرن جي آس پاس پاڻي بيٺل آهي هن سخت سردي جي موسم ۾ غريب مسڪين ماڻهو خيمن ۾ پيا آهن اهو ته پاڻ صرف ٻوڏ جي متاثرن جي حوالي سان ذڪر ڪيو جن کي بنيادي سهولتون فراهم ناهن ڪيون ويون. گهر تعمير ڪرائڻ لاءِ هر روز نيون تاريخون ۽ ڳالهيون ٻڌائي ڪامورن جي آفيسن جا چڪر لڳرايا پيا وڃن جڏهن ته ڏوراڻهن علائقن جي ماڻهن جي دانهن ته حڪمرانن جي ڪنن تي به نه پئي پهچي. ان جو بنيادي سبب علائقي جي رئيس سردار سيد ڀوتار جي ذميواري ۾ اچي ٿو اهو صرف چونڊن جي موقعي ووٽ وٺڻ ۽ ديدار ڪرائڻ لاءِ ويندو آهي باقي سيڙجي مسڪين ماڻهن جون تڪليفون ڏسڻ اچي يا وري ان جي حل بابت ڪا تجويز ڏئي ڇڻ سندس اها ذميواري ناهي، ڇو ته ڪيس ڄاڻ آهي ته پارٽي قيادت ڪانٽس بچائڻ نه ڪندي باقي جيستائين ووٽ جو سوال آهي ته وقت اچڻ تي مسڪين ماڻهن وٽ نه ته ڪو متبادل آهي نه ئي ڀوتار رئيس کي ڪير ناراض ڪري سگهندو. گذريل چوڏهن سالن ۾ جيتري ڪرپشن وڌي وئي آهي ان جو مثال باقي پيپلزپارٽي جي ٻوئين تقريبن چاليهن سالن جي تاريخ ۾ نٿو ملي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ سنڌ جو وڏو وزير ممتاز علي ڀٽو بعد ۾ غلام مصطفى جتوئي رهيو ان کان پوءِ 1988ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي پهرين حڪومت ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي بعد ۾ ڪيس هٽائي آفتاب شعبان ميراڻي کي بڻايو ويو ۽ ٻئي دور ۾ 1993ع ۾ سيد عبدالله شاهه کي صوبي جو وڏو وزير چونڊيو ويو جيڪو ٽي سال وڏ وزارت تي رهيو، ان عرصي ۾ ڪرپشن ايئن زبان خلق نقاره خدا وانگر عام جام نه هئي نه ئي ان وقت سفارش تي نوڪريون ڏنيون ويون نه ڪيڪا ڏنا ويا. باقي ڪم ڪار ڪيا ويا ڪنهن حد تائين ڪرپشن جو عمل دخل رهيو هوندو پر ان جي پيٽ ۾ اڄ ڪرپشن ڪينسر وانگر پاڙ ڪري وئي آهي. اهو ضرور ٻڌندا آيا آهيون ته چوپائي مال جي ڏاري ۾ ڪڻڪ جو استعمال ڪيو ويندو آهي ليڪن اهو ڪڏهن به ناهي ٻڌو ته ڪوئا ڪروڙين رپين جي ڪڻڪ کائي ويا. ڪراچي ويندي رستي ۾ ڪروڙ رپين جي ڪڻڪ جون ٻوريون غائب ٿي ويون. جڏهن ته سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ ۽ ڪروڙ رپين جون دوائون گم ٿيو وڃن. ان سميت ڪنهن کاتي جو ذڪر ڪيون جتي ڪرپشن ناهي. انهي ڪري متياري ۽ نوشهرو فيروز جي ڊپٽي ڪمشنر کي اربين رپين جي ڪرپشن ڪرڻ جو موقعو مليو پاڻ هتي ڪافي مثال پيش ڪري سگهون ٿا صرف معمولي لاپرواهي سبب سيوهڻ پرسان منڇر ونڊ جي ٻوڏ واري ڪٽ کي روڊ کي صحيح نه ڪرڻ جي ڪري خيرپور ناٿن شاهه جي هڪ ئي خاندان جا 20 کان مٿي عورتون معصوم ٻارڙا ۽ مرد موت جو ڪاچ بڻجي ويا.

بقايا *** 01

ڪري ڇڏيو. ڏيڍ سال کان اهو فيصلو ڪرڻ ۾ لڳي ويو ته آءِ ايم ايف ڏانهن وڃون يا نه. انهن 25 هزار ارب وارو قرض 45 هزار ارب ڪري ڇڏيو. ناڻي واري وزير چيو ته اسان لاءِ اقتدار ۾ اچڻ وارو فيصلو ڏکيو هو. اتحادي حڪومت سياست تي رياست کي ترجيح ڏني. هن اڳوڻي وزيراعظم تي تنقيد ڪندي چيو ته عمران نيازي پاڪستاني کي قوم طور ڪرپٽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو چوي ٿو ته ڪرپٽ نيشن آهيون ۽ وري چوي ٿو ته سيڙپڪاري ڪيو. هن رُپئي جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو. هاڻي ملڪ جي ڏيوالي جون ڪوڙيون خبرون پکيڙي رهيو آهي. پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ڊيفالٽ نه ڪندو

بقايا *** 02

حصو بڻجڻ نه چاهيو. گذريل چار سال چُپ رهيس پر هاڻ چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عوام تياري ڪري ڇڏي، هن ڀيري نئين انداز ۾ چونڊ وڙهنداسين. واضح رهي ته چوڌري نثار 2018 جي چونڊن ۾ آزاد اميدوار طور ميدان ۾ لٿو هو. ڪيس قومي اسيمبلي جي سيٽ تي شڪست ٿي پر صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي ڪامياب رهيو هو.

بقايا *** 03

لڳايا ويا پر برطانيا جي اين سي اي جي جاچ ۾ الله اسان کي عزت ڏني ۽ اسان صاف ٿي ويا هن چيو ته عمران خان ۽ سندس ساٿين الزام هڻڻ ڪانسواءِ ڪجهه نه ڪيو. ٽن سالن کانپوءِ ڊيلي ميل اسان کان غير مشروط معافي گهري. ڊيلي ميل وارن تاخير جا حربا استعمال ڪيا. هن چيو ته ڊيلي ميل مون کان نه پر پوري پاڪستاني قوم کان معافي گهري آهي. هاڻي کير جو کير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي ويو آهي. عمران نيازي امداد ڏيندڙن کي پيغام ڏنو ته پاڪستان کي هڪ رپيو به نه ڏيو. شهباز شريف چيو ته اسان کي آءِ ايم ايف آڏو پنهنجون ڳليون ڳڙڪائڻيون پيون ڇو ته اهو اسان تي ڀروسو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اسان کي بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست قربان ڪري ڇڏي. عمران پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اسان لاءِ ڪانٽو لڳايو. وزيراعظم عمران خان تي تنقيد ڪندي چيو ته عمران نيازي دوست ملڪن کي ناراض ڪري لاڳاپا خراب ڪيا آهن. ٻئي طرف سعودي ولي عهد اڳوڻي وزيراعظم کي ڪعبي جي ماڊل واري واچ ڏني هئي ۽ اها واچ وڪرو ڪئي وئي هئي. جنهن ماڊل جي واچ وڪڻي ڇڏي. عمران نيازي شرمناڪ ڪم ڪري پاڪستان کي بدنام ڪيو. واچ وڪرو ڪري جعلي رسيد ڏيکاري فراڊ ڪيو هن چيو ته عمران نيازي پنهنجي پيءُ کي معافي ڏني ۽ اين آر او حاصل ڪيو. ڇهن سالن ۾ هن مخالفن تي ڪوڙ. بدديانتي. اٺا ۽ ڪيس ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي ڪيو هن چيو ته عمران نيازي ٻهراڻ کنڊ ۽ ڪڻڪ ايڪسپورٽ ڪئي ۽ پوءِ مهانگي اگهه تي امپورٽ ڪئي. توهان پنهنجي دور جي وڏن اسڪينڊل جو احتساب ڪيو. توهان چاهيو ٿي ته پاڪستان ڊفالٽ ٿئي. انشاءَ الله پاڪستان ڊفالٽ نه ٿيندو. عمران خان هن قوم کي ڌوڪو ڏنو 190 ملين پائونڊ جو. ان کان وڏو فراڊ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ڪابينا کي سيل بند لفافو ڏيکاريندي منظوري ورتي وئي. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته هي واچ عمران خان جي ناهي. 22 ڪروڙ عوام جي عزت آهي. عمران پاڪستان ۽ مذهب جو تمام گهڻو نقصان ڪيو هن چيو ته عمران خان. جنرل (ر) باجوه توهان جو محسن آهي. توهان محسن ڪشي ٿي ويا. هو رٽائر ٿي چڪو آهي. هاڻي ڪيس آرام سان رهڻ ڏيو. نئون آرمي چيف پروفيشنل آهي. صدر سان ناڻي واري وزير جي ملاقات تي شهباز شريف چيو ته اسحاق ڊار منهنجي اجازت سان صدر هائوس ۾ صدر سان ملاقات ڪئي. هن چيو ته ملڪ جي مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ سمورا اختلاف وساري سگهون ٿا پر جيڪي ملڪ کي نقصان پهچائي رهيا آهن انهن سان ڪهڙيون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون؟ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجي انا کي مارڻو پوندو. هن چيو ته جيڪڏهن اسان ڪابينا جا 20 سيڪڙو کان وڌيڪ فيصلا سرڪيوليشن ذريعي ڪيا آهن ته ذميوار مان آهيان. پي ٽي آءِ بيڊ گورننس ۾ نئين مثال قائم ڪئي آهي.

بقايا *** 04

ڪميشن جي وڪيل سعد حسن عدالت ۾ موقف پيش ڪيو ته عمران خان ۽ ان جي گهر واري توشه خاني مان 58 تحفا ورتا. 3 سالن دوران ورتل 58 شين جي ماليت 142 مليين روپيه آهي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل موجب سال 2018_19 ۾ ان وقت جي وزيراعظم عمران خان توشه خاني مان تقريبن 107 مليين روپين جا تحفا ورتا ۽ هينئر تائين عمران خان اهو ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيو ته گهڙي ڪيتري ۾ وڪرو ڪئي. ڪيس گهڙي جي باري ۾ نه پر ڪيس عمران خان طرفان جمع ڪرايل اثاثن جي حوالي سان آهي. سعد حسن چيو ته جيڪڏهن ڪي شيون ٽرانسفر ٿيون ته ان جو به گوشوارن ۾ ظاهر ڪرڻ لازمي آهي. آئين نٿو ٿي سگهي ته توشه خاني مان تحفا وٺي ظاهر نه ڪيا وڃن. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته عمران خان طرفان سال 2020_21 جي گوشوارن کي اليڪشن ڪميشن صحيح مڃي ٿي سال 2020_21 تائين توشه خاني جو معاملو قومي اسيمبلي ۽ ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ اچي چڪو هو وڪيل سعد حسن پنهنجي موقف ۾ چيو ته عمران خان جو توشه خاني جو طريقيڪار مني لانڊرنگ وارو آهي. عمران خان ٻڌائڻ جو پابند هو ته ڪهڙي تحفي کي ڪهڙي طرح وڪرو ڪيو. ڪنهن کي به عمران خان جي گهر وڃي ناهي ڏسڻو ته تحفا آهن يا نه. هن کي پاڻ تحفن کي گوشوارن ۾ ظاهر ڪرڻو هو اليڪشن ڪميشن جي وڪيل وڌيڪ چيو ته توشه خاني تحفن جي رقم ڪنهن پٽي ادا ڪئي يا روڪ رقم ڏني وئي. 11 مليين جو ٽيڪس لڪايو ويو پر اهو معاملو ٽيڪس اٿارٽيز جو آهي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل ٻڌايو ته عمران خان جا 2017_18 ۽ 2020_21 جا گوشوارا صحيح آهن ۽ 2018_19 ۽ 2019_20 جا گوشوارا تڪراري آهن. 2021 ۾ اها رقم ظاهر ڪئي وئي جيڪا گذريل 2 سالن ۾ ناهي ڪئي وئي. ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا *** 05

مشن آهي. مسلم ليگ عوام جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي آهي. اسان کي جڏهن به موقعو مليو اسان عوام جي خدمت ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. مونس الاهي ماهرن جو حوالو ڏيندي چيو ته ملڪ معاشي طور ڊيفالٽ ڪري چڪو آهي ۽ شهباز حڪومت معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. اسان ڪالهه به عمران خان سان گڏ هئاسين ۽ اڄ به آهيون ۽ مستقبل ۾ به رهنداسين.

بقايا *** 06

يقين ڏياريو آهي ۽ چيو آهي ته درآمدي ڪاغذن تي لاڳو ٽيڪس ۾ گهٽتائي ۽ مقامي پيپر ملن پاران ڪاغذن جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي ڪرڻ بعد سڄي پاڪستان جي پبلشرن پڻ ڪتابن جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن ته جيئن پسنديده ڪتابن تائين هر ماڻهوءَ جي پهچ ممڪن ٿي سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ جي رجسٽرار رفيع ملاح، پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عزيز خالد ۽ ڪراچي انٽرنيشنل بڪ فيئر جي وقار متين ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ جاري 5 ڏينهن واري عالمي ڪتاب ميلي جي پڄاڻيءَ واري تقريب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي بڪ فيئر جي ڊپٽي ڪنوينر ناصر حسين، نذير مظهر، نديم اختر، ڪامران نوراني ۽ وسيم عبدالحسن پڻ موجود هئا. رجسٽرار ڊائريڪٽوريٽ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز اينڊ رجسٽريشن سنڌ رفيع ملاح چيو ته دور جديد يا ڊجيٽل دور ۾ ڪتابي ميلن جي فائدن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڊجيٽل ڪتابن سان اکيون ڪمزور ٿي وينديون آهن پر ڪتاب اکين جي روشنيءَ کي گهٽ نٿا ڪن ڪراچي ايڪسپو سينٽر جي نمائش ۾ علم جا خزانا رکيا ويا آهن شاگردن جو وڏي تعداد ۾ اچڻ پڻ ايندڙ نسلن جي خوش نصيبي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن خانگي تعليمي ادارا هر سال پنهنجن شاگردن جي لاءِ فيئر لڳائين ٿا پر ڊائريڪٽوريٽ علمي فائدن کي نظر ۾ رکندي خاص طور تي شاگردن جي لاءِ ايڪسپو طرز جو هڪ فيئر لڳائڻ واري منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته بڪ فيئر ۾ ماڻهو ڪتاب ڏسڻ نه پر خريد ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ ڪتاب جيترا به مهانگا ٿي وڃن پر پڙهڻ وارا ان کي ضرور خريد ڪندا. پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عزيز خالد ۽ ڪراچي انٽرنيشنل بڪ فيئر جي ڪنوينئر وقار متين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪاغذن تي لاڳو ٽيڪس ۾ گهٽتائي ۽ مقامي پيپر صنعتن پاران ڪاغذن جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ته سڄي پاڪستان جا پبلشر پڻ ڪتابن جون قيمتون گهٽ ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته عالمي ڪتاب ميلي ۾ ملڪي ۽ غيرملڪي پبلشرز نمائش جي آخري ڏينهن ڪتابن جي قيمت تمام گهڻي گهٽ ڪري نه صرف انتظاميه ۾ ڪتابن جي شوقينن جي حوصلا افزائي ڪئي آهي اهوئي سبب آهي ته نمائش اڳوڻا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. پرڏيهي ملڪن جي پبلشرن سان گڏ پاڪستان ۾ جوائنٽ ايڊونچر ڪرڻ جا خواهشمند آهن. هن چيو ته ڪتابن پائريسي پاڪستان ۾ وڏو مسئلو آهي پر سڀني ڳالهه اها آهي ته پاڪستان پبلشرز ان عمل کي بلڪل پسند ڪن ٿا. پاڪستان جا پبلشرز جديد دور جي ضرورتن مطابق تعليمي ۽ علمي ڪتاب جوڙي رهيا آهن ۽ انهن کي علمي ۽ ادبي ماهرن جو مڪمل سهڪار حاصل آهي. هن چيو ته ڪتابي ميلي جي شروعات جيتري جوش ۽ جذبي سان ٿي هئي ان جي پڄاڻي تي پڻ ايترو ئي ڏکايل آهيون پر اسان انهن کي يقين ٿا ڏياريون ته ايندڙ سال هن کان به وڏي انداز ۾ نمائش منعقد ڪري ڪتابن جي شوقينن خوشي ڏينداسين. هن چيو ته انٽرنيشنل بڪ فيئر جي انتظاميه ٻين ملڪن جي پبلشرن سان پڻ رابطو وڌائي رهي آهي ته جيئن ايندڙ نمائش ۾ نون ملڪن جي شرڪت کي يقيني بڻائي سگهجي. بڪ فيئر انتظاميه پرڏيهي ملڪن جي سفارتڪارن، تعليمي ادارن، علمي ۽ ادبي شخصيتن، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي نمائش ۾ شرڪت کي واکاڻيو.

بقايا *** 07

پرست ٿي هوندو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وسيم اختر چيو ته عورتن جو اسان جي معاشي ۽ سياست ۾ اهم ڪردار آهي. سنڌ جي راڄڌاني سدائين ايم ڪيو ايم کي مينڊيٽ ڏنو آهي. ان مينڊيٽ ۾ عورتن جو وڏو ڪردار آهي. خواهش آهي ته هر هڪ جي سگهي ٿي پر ڪراچي جو عوام ايم ڪيو ايم سان گڏ بيٺو آهي. هن چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي پاليسي سان ايم ڪيو ايم جي مينڊيٽ کي ورهايو ويندو آهي. ايم ڪيو ايم مضبوطي ۽ جذبي سان بيٺي آهي. اسان ڏکيائين کي منهن ڏيڻ ڄاڻون ٿا. اسان جي درخواست آهي ته اسان کي سياسي آزادي ڏني وڃي.

بقايا *** 08

موجب پي ٽي آءِ پرڏيهي فنڊنگ ڪيس، عمران خان جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن روڪڻ جو ڪيس، عمران خان کي پارٽي چيئرمين شپ تان هٽائڻ بابت 2 ڪيس ۽ عمران خان تي چونڊ خرچ جمع نه ڪرائڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. پڻ خارج ڪيو ويو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته بينچ جي عدم موجودگي سبب ڪيس ڊي لسٽ ڪيا ويندا. 13 ڊسمبر تي ڊي لسٽ ڪيل ڪيس هاڻي 20 ڊسمبر تي ٻڌا ويندا.

بقايا *** 09

ڪرڻ وارن لاءِ بري خبر اچي وئي. ايس ايس جي سي بدترين لوڊشيڊنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سوئي سدرن گئس ڪمپني جو چوڻ آهي ته 24 ڪلاڪن ۾ رڳو اٺ ڪلاڪ گئس دستياب هوندي. ايس ايس جي سي موجب صبح 6 کان 9، منجهند 12 کان 2 ۽ رات 6 کان 9 وڳي تائين گئس ملي سگهندي. ڪمپني هدايو ته ايس ايس جي سي 350 کان 400 ايم ايم سي ايف ڊي گئس جي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي.

بقايا *** 10

شهادت جو واقعو جنين ۾ پيش آيو. جنهن ۾ 3 ماڻهو زخمي ٿيا هئا. هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي آهي. جنين جي علائقي ۾ اسرائيلي فوجي اهلڪار فلسطيني نوجوانن جي گرفتاري لاءِ پهتا هئا جڏهن ته هڪ ناري ڇت تان اهو سڄو منظر ڏسي رهي هئي. رپورٽ موجب اسرائيلي فوج ڇوڪريءَ کي وڃڻ لاءِ، چوڻ جي جڳهه تي ڪيس سڌي ريت مٿي ۾ گولي هڻي شهيد ڪري ڇڏيس واضح رهي ته هلندڙ سال اسرائيلي فوج فائرنگ ڪري 215 ڄڻا شهيد ڪيا جن ۾ 50 ٻار ۽ 17 عورتون شامل آهن.

بقايا *** 11

ترجيحن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر چيو ته ڪراچي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته شهر جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي. ميونسپل ڪمشنر ڪراچي چيو ته گورنر صاحب جي رهنمائي فرضن کي پورو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

بقايا *** 12

جي درخواست ڪئي وئي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ عثمان سواتي جي درخواست تي جلد ٻڌڻي لاءِ درخواست منظور ڪري ورتي. درخواست تي مختصر ٻڌڻي کانپوءِ عدالت اعظم سواتي کي وڌيڪ ڪيسن ۾ گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو عدالت آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪندي عثمان سواتي کي ٻنهي درخواستن کي ضم ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي پراسيڪيوٽر جنرل کان جواب طلب ڪندي ٻڌڻي 14 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 13

ٻٽڙي تان لهي چڪي آهي ٻي رحماني ڪردار، غير انساني ۽ غير قانوني عمل سان نفرتون وڌنديون اهڙن خيالن جو اظهار هن پي ٽي آئي سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي مان جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو علي زيدي وڌيڪ چيو ته پي ٽي آئي امپورٽيڊ حڪومت جي اهڙين حرڪتن جو بهادري سان مقابلو ڪندي انهن ماڻهن جي سيني ۾ دل نه آهي پر اقتدار جي حوس آهي هن رياستي فاشزم جي خلاف سيني کي آواز اٿارڻو پوندو عدالتن ۾ 21 لک کان وڌيڪ التوا هيٺ ڪيسن بدران هڪ ٽوئٽ ڪرڻ تي ڪيس هلايو پيو وڃي پاڪستاني عدالتن جو امتحان آهي ته اهي قانون ۽ آئين مطابق فيصلا ڪن مبين جتوئي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته منهنجي وزارت منهنجي مرضي واري وزير عمران خان جي مقبوليت سان ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن شرجيل ميمڻ جي ذهني حالت ڳڻتي جوڳي آهي ڪرپشن ۾ پيرن کان مٿي تائين ٻڏل سخص اسان کي مني لانڊرنگ تي ڀاشڻ ڏئي رهيو آهي شرجيل ميمڻ ٻين تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ان جا چيئرمين زڪوات جي پئسن سان ٻاهرين ملڪن ۾ عياشيون ڪري رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته شرجيل ميمڻ سميت سمورن وزيرن کي عمران خان فوبيا ٿي ويو آهي.

بقايا *** 14

هاءِ ڪورٽ ڪيس ۾ ايم ڪيو ايم ڪارڪنن جي بريت خلاف حڪومتي اپيل تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. جنهن ۾ عدالت فيصل موٽا، عبيد ڪي 2، فرحان مولا ۽ ٻين جي بريت خلاف حڪومتي اپيل رد ڪري ڇڏي. عدالت 13 جوابدارن جي سزائن ۾ واڌ جي رينجرز جي درخواست به رد ڪري ڇڏي. پراسيڪيوشن موجب دهشتگردي ترڙ عدالت ايم ڪيو ايم جي 13 ڪارڪنن کي مختلف سزائون ڏنيون. جڏهن ته ڌماڪيدار مادو ڪيس ۾ نادر شاهه سميت 14 جوابدارن کي بري ڪيو ويو. عدالت غير قانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ جوابدار فيصل موٽا کي 10 سال قيد ۽ فرحان شبير، عبيد ڪي 2 ۽ عابد کي 8 سال قيد جي سزا ٻڌائي. غير قانوني هٿيار رکڻ واري ڪيس ۾ سزائن ۾ واڌ ۽ بريت خلاف اپيل داخل ڪئي وئي.

بقايا *** 15

مرضي، چندي جا پيسا ,منهنجا منهنجي مرضي، منهنجي ڪي پي ڪي جي بي آر ٽي، منهنجي مرضي، منهنجو مالم جبا منهنجي مرضي. منهنجو هيلي ڪاپٽر منهنجي مرضي؟؟؟" هن چيو ته عمران خان مرضي مرضي جي رٽ لڳائي رکي آهي، ڇا پاڪستان کي عمران خان پنهنجي جاگير سمجهي ٿو. صوبائي وزير چيو ته پاڪستان ڪنهن جي مرضي ۽ خواهشن تي نٿو هلي سگهي، پاڪستان وٽ لکت ۾ آئين موجود آهي ۽ قانون کان ڪوبه متانهون ناهي. تمام جلد عمران خان قانون جي گرفت ۾ هوندو.

بقايا *** 16

۾ خيبرپختونخواهه اسيمبلي ٽوڙي وينديون. پي ٽي آءِ ميمبر ٻيهر قومي اسيمبلي ايوان ۾ پيش ٿيندا ۽ استعيفي ڏيندا اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته احتجاجي تحريڪ کي چونڊ مهم ۾ تبديل ڪيو ويندو اجلاس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو ته پ پ حڪومت جي ناقص پاليسين ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي، معاشي ۽ سياسي بحران مان نڪرڻ جو واحد رستو جلد شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي.

بقايا *** 17

آهي، اڄ صبح جو ڪاروبار شروع ٿيڻ کان وٺي ڊالر جي قدر وڌي وئي آهي، انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 10 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 224 رپيا 50 پئسا ٿي ويو آهي، انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڪاروباري هفتي جي آخر ۾ ڊالر 224 رپيا 40 پيسا تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ صبح ڪاروبار جي مثبت شروعات ٿي آهي، پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 75 پوائنٽس وڌي 41773 تي پهچي ويو

بقايا *** 18

لاءِ جرمن حڪومت ۽ عوام جي تعاون کي ساراهيو

بقايا *** 19

رحمان قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي نظربندي بابت گهرو کاتي سنڌ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو آهي ٻڌڻي دوران گهرو کاتي سنڌ جو سيڪريٽري سعيد احمد، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته هيءَ درخواست ٻڌڻ جوڳي نه آهي، اسان انٽيليجنس رپورٽن جي بنياد تي فيصلا ڪندا آهيون جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏيندي چيو ته اوهان بدنيتي تي ٻڌل فيصلا ڪيو ٿا ۽ هتي اچي اعتراف ٿا ڪيو آءِ جي سنڌ چيو ته اندازو غلط به ٿي سگهي ٿو، غلطي جي گنجائش موجود هوندي آهي عدالت قتل ڪيس مان بري ٿيل جوابدارن جي نظربندي ختم ڪري ڇڏي، 5 ئي جوابدارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا *** 20

مان دولتپور عدالت منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. مبينا هراسمينٽ جو شڪار شاگردياڻي پروين رند پنهنجي چاچي سميت پيرين اگهاڙي عدالت پهتي ٽائيم نيوز سان ڳالهه ٻولهه دوران پروين رند روئيندي چيو ته ڪنهن غريب جي نياڻيءَ کي عزت سان تعليم پرائڻ جو حق نه ٿا ڏيو ته پوءِ ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو پروين رند چيو ته جوابدار غلام مصطفيٰ راجپوت، هاسٽل جون ملازم عورتون فريده، عتيقا ۽ فرحين ڌمڪيون پيون ڏين هن چيو ته ڪيس دولتپور منتقل ٿيڻ سان حياتيءَ لاءِ خطرا وڌي ويندا، سڀاڻي منهنجو لاش توهان کي دولتپور جي ڪنهن روڊ تان ملندو

بقايا *** 21

ڪئي وئي گلگت جي وڏي وزير خالد خورشيد خان چيو ته صوبي ۾ اٽو ۽ ٻيون شيون ختم ٿي ويون آهن. وفاقي سرڪار حصي جا پئسا نه پئي ڏئي، سڄي صوبي ۾ هڙتال ڪري اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻنداسين خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير محمود خان چيو ته وفاق صحت ڪارڊ ۽ ڦاٽا جا پئسا نه پيو ڏئي، وفاقي سرڪار صوبي جا حق نه ڏنا ته اسلام آباد ۾ وڏو ڌرڻو هڻنداسين پنجاب جي ناڻي واري وزير محسن لغاري چيو ته ٻوڏ متاثرن جي سهائتا لاءِ رڳو سنڌ ۽ بلوچستان کي فنڊ ڏنا ويا، پنجاب ۽ کي پي کي نظر انداز ڪيو ويو ڇا ٻوڏ رڳو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ آئي هئي آزاد ڪشمير جي ناڻي واري وزير عبدالماجد چيو ته وفاق جي چوڻ تي اسان بجيٽ پيش ڪئي، هاڻي وفاقي سرڪار آزاد ڪشمير کي گرانٽ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي، وفاق کي صوبن جو جائز حصو هر صورت ۾ ڏيڻو پوندو

بقايا *** 22

ويو آهي جڏهن ته حڪمرانن سنڌ جي عوام کي ڌاڙيلن، چورن ۽ ڦورن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. معصوم مُسرور بڪراڻي سميت پنج ٻار اغوا ٿي چڪا. درجنين ماڻهو ڌاڙيلن وٽ يرغمال آهن. معصوم مغوي سان ڌاڙيلن پاران زيادتي ۽ وڊيو وائرل ڪرڻ سنڌ پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مُراد علي شاهه سميت پيپلزپارٽي جي ليڊرشپ جي منهن تي زوردار چماٽ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن قباءِ آڊيٽوريم ۾ ملاقات ڪندڙ وفد سان ڳالهائيندي ڪيو. صوبائي امير وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ جهنگ جو قانون آهي، گهوٽڪي کان ڪشمور تائين عوام جو جان، مال ۽ عزت آبرو غير محفوظ پر حڪمران مخالف ڌر خلاف پريس ڪانفرنسون ۽ جلسا ڪرڻ ۾ مصروف آهن. اي پي ڊي ايم حڪومت مهانگائي، ملڪي معيشت کي غرق ڪرڻ کان پوءِ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ ۾ به مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي. مغوي ڇوڪر سان زيادتي واري وڊيو سنڌ جي ڪروڙين عوام جا سر شرم کان جهڪائي ڇڏيا آهن. سنڌ پوليس حڪومت مخالفن کي ڇٽڻ ۽ ڪمداري ۾ مصروف آهي، جيڪا فورس پنهنجي جوانن ۽ آفيسرن جي قاتلن کي اڃان تائين گرفتار ناهي ڪري سگهي ان مان عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي اميد ڪرڻ ٻهرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. بدامني جو جن عوام جو خون چوسي رهيو آهي، پر حڪمرانن جي ڪن تي جوءِ به نٿي سُري سنڌ ۾ وانا وزيرستان ۽ بلوچستان جهڙيون حالتون خوفناڪ صورتحال پيش ڪري رهيون آهن حالتن تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته عوام پنهنجي ننگ ۽ دنگن جي تحفظ لاءِ هٿيار کڻڻ تي مجبور ٿي پوندي جنهن کان پوءِ تمام تر صورتحال جي ذميواري حڪمرانن مٿان لاڳو هوندي. صوبائي، وفاقي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي اپيل آهي ته هوءَ في الفور امن امان جي بدترين صورتحال جو نوٽيس وٺي اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ موثر حڪمت عملي جوڙين نه ته جماعت اسلامي سڀني ديني،سياسي جماعتن سان گڏجي ڪراچي کان ڪشمور تائين بدامني جي ڀڙڪايل باهه خلاف سخت احتجاج ڪندي، جيڪي حڪمران اسان جي مائرن ۽ معصوم ٻارن کي به تحفظ نٿا ڏئي سگهن انهن کي اسان جي ٽيڪسن تي عياشيون ۽ حڪمراني ڪرڻ جو ڪوبه حق نٿو پهچي. ظلم، جبر، زيادتيون، اغوا ۽ تشدد جا واقعا پيپلزپارٽي حڪومت خلاف ان ڳالهه جو پڪو ثبوت آهن ته هنن کي سنڌ جي عوام جي اهنجن ۽ ڏردن سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. جماعت اسلامي سنڌ جو پرزور مطالبو آهي ته پاڪ فوج، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسيون ڪشمور ڪنڌڪوٽ سميت صوبي ۾ امن امان جي خراب صورتحال جو نوٽيس وٺي ڌاڙيلن، ڪرمنل گينگز خلاف ڪاروائي ڪري امن امان جي بحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته جيئن عام ماڻهو جو رياست مٿان ڀروسو بحال ۽ سُک جو ساهه کڻي سگهي، اغوا ٿيل معصوم ٻارڙي مختيار احمد ملڪ، مُسرور بڪراڻي سميت اغوا ٿيل سڀني مغوين جي بحفاظت بازيابي لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن #

بقايا *** 23

ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ گولڊ ونڊ سوليوشن فيڪٽري (Goldwind Solution Factory)جي افتتاح جي موقعي تي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو، ان موقعي تي چين جي قونصل جنرل مسٽر يانگ گوان گوان (Mr. Yang Guanguan).. ڊائريڪٽر گولڊ ونڊ سلوشن مسٽر يانگ جين يونگ. (Mr. Yang Jainyong)، مهراڻ يونيورسٽي جو اڳوڻو وائيس چانسلر اسلم عقيلي پڻ موجود هئا. اين اي ڊي يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر طاهر، گولڊ ونڊ پاڪستان عدنان تيال، مرزا محمد عمر ۽ ٻيون مشهور شخصيتون پڻ موجود هيون. امتياز احمد شيخ چيو ته "مون کي پاڪستان ۾ گولڊ ونڊ چائنا پاران ونڊ ٽربائن ٽيڪنالاجي ۾ ٽيڪنيڪل حل بابت هن شاندار سيشن جو افتتاح ڪندي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي، جنهن ۾ ونڊ آءِ پي پيز سميت سمورن اسٽيڪ هولڊرز ۽ خاص طور تي مختلف انجنيئرنگ يونيورسٽين جا نمائندا موجود آهن. هن چيو ته توانائي معيشت جي لائف لائن آهي ۽ ان جو سڌو سنئون سماجي ۽ اقتصادي ترقي تي اثر پوي ٿو هن چيو ته سنڌ انرجي ڊپارٽمينٽ 2013ع ۾ قائم ڪيو ويو ۽ گذريل 10 سالن دوران ملڪ ۾ جاري توانائي جي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. انرجي ڪوريڊور کي ترقي وٺرائڻ لاءِ مسلسل ڪوشش جا رنگ آندا ۽ اڄ تقريبن 2 گيگا واٽ جا 3 منصوبا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه منصوبا پائيپ لائين ۾ آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت ماحول دوست ۽ سبز توانائي منصوبن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪري رهي آهي ۽ اسان چاهيون ٿا ته انهن منصوبن تي تيزيءَ سان ڪم ڪيو وڃي ته جيئن ماحول دوست ۽ ماحول دوست توانائيءَ جا ذريعا پيدا ٿين. هن چيو ته گولڊ ونڊ پاران 8 ونڊ آئي پي پيز تي لڳ ڀڳ 477 ونڊ ٽربائينون لڳايون پيون وڃن جيڪي حوصلا افزا آهي هن چيو ته ونڊ پاور جي هڪ تمام وڏي مارڪيٽ آهي. اسان ونڊ، سولر هائيبرڊ پروجيڪٽس کي وڌيڪ ترقي ڏئي رهيا آهيون. ملڪ ۾ اسپيئر پارٽس ۽ آپريشن ۽ سارسنڀال جي سهولت سان گڏ م تجويز ڪيل سوليوشن فيڪٽري سان نه رڳو ونڊ پروجيڪٽ جي آپريشنل لاڳت ۾ گهٽتائي ايندي پر مقامي ٽيڪنالاجي جي منتقلي جو موقعو پڻ فراهم ڪندي. هن چيو ته گولڊ ونڊ ٽربائن سوليوشن فيڪٽري جو قيام ڪاميابي طرف هڪ ٻيو قدم آهي هن چيو ته هڪ رپورٽ موجب 2050 تائين آبادي ۾ 30 سيڪڙو اضافو ٿيندو جنهن لاءِ 60 سيڪڙو وڌيڪ توانائي ۽ 60 سيڪڙو وڌيڪ خوراڪ جي ضرورت پوندي، وسيلا محدود آهن. اسان کي ماحول جي حفاظت ڪندي مستقبل جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي ضرورت آهي. 2022 جي ٻوڏ جي صورت ۾ موسمياتي تبديليءَ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ واحد حل طور سبز توانائي جي ترقي جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو آهي جيڪو قدرتي آفتن کان نمٽڻ جو واحد حل آهي،هن چيو ته ان قسم جي سوليوشن فيڪٽرين هجڻ سان نه رڳو منصوبن جي لاڳت ۾ گهٽتائي ايندي پر مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا وڌيڪ موقعا به پيدا ٿيندا ۽ ان عمل ۾ ماهرن، گريجوئيٽ ۽ فيڪلٽي کي شامل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندو ان سان گڏو گڏ اها ونڊ انرجي سيڪٽر جي معيشت کي هٿي ڏيڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته مشينري ۽ [illegible] پاڪستان ۾ پنهنجي مقامي صلاحيتن سان مرمت ڪرڻ جي صلاحيت فراهم ڪري آيو اها سروس بلاشڪ آئي پي پيز IPPsکي فائدو ڏيندي ته جيئن انهن جي مواد ۽ اوزارن جي لاڳت کي گهٽ ڪرڻ ۾ فائدو ڏيندي ۽ درآمد تي انحصار کي ٻڻ گهٽ ڪندي ۽ ان جي نتيجي ۾ اسان تي اقتصادي وزن ٻڻ گهٽ پوندو. امتياز احمد شيخ چيو ته پائيدار ترقي جي حدف حاصل ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ قدرتي وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ متحرڪ اڪيڊمي، مضبوط حڪومتي سهڪار سان گڏ صنعت سان گڏ رابطا ڪاميابي جي ڪنجي آهي. هن چيو ته هتي اين اي ڊي يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ ٻين تعليمي ادارن جي اعليٰ سطحي وفدن جي موجودگي منهنجي اعتماد کي وڌيڪ پذيرائي بخشي آهي ۽ مون کي يقين آهي ته هو گولڊ ونڊ جي هم آهنگي بشمول انٽرن شپ جي مدد سان تربيت حاصل ڪندا ۽ گرين انرجي ٽيڪنالوجيز ۾ تحقيق ۽ اسمارٽ ايجادن جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائين

بقايا *** 24

ايجوڪيشن پرائمري ميرپورخاص کي برطرف ڪرڻ بدران باعزت رٽائر ڪيو ويو گهٽ مارڪس ڪڍندڙ اميدوارن کي ماستريءَ جا آرڊر ڏيڻ بابت جاچ ڪندڙ ڪميٽي ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن پرائمري ميرپورخاص ديدار جلباڻي کي برطرف ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي سيڪريٽري تعليم ديدار جلباڻي کي برطرف ڪرڻ بدران رٽائر ڪري ڇڏيو جاچ ڪميٽي تعليم کاتي جي ٽن ملازمن عبدالستار ڪنيار، مهرو مل ۽ منظور بجير جي پروموشن تي 2 سالن لاءِ پابندي جي به سفارش ڪئي هئي

بقايا *** 25

پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ سميت ٻين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن .عدالت ۾ .گهروکاتي جي سيڪريٽري ,آءِ جي سنڌسميت ٻيا آفيسرز پيش ٿيا .پراسيڪيوٽر جنرل سنڌچيو ته اسان کي مهلت ڏني وڃي .ڪابه مهلت نه ويندي سپاٽي تياري ڪري اچو .اسان کي خبر پئي آهي ته اڳوڻو وزير اعظم آهي هن جي خلاف ڪيسن کي ڏاهيو پيو وڃي .اعظم سواتي جي خلاف هڪ الزام ۾ ڪيترا ڪيس ڏاهيا ويا آهن .سپريم ڪورٽ جو فيصلو موجود آهي .اعظم سواتي هڪ سينيٽر آهي هن جي خلاف ڪيس ڪهڙي طرح ڏاهيا ويا آهن .اوهان آءِ جي سنڌ آيو ۽ اوهان گهروکاتي جو سيڪريٽري آيو .اگر اوهان اعظم سواتي جي ڪيسن جي وضاحت نه ڪئي ته اوهان جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو .سمريران ڪيس جي انگلش ڪري اچو . اوهان جي جاچ خراب آهي .آءِ جي سنڌ اسان کي مهلت ڏني وڃي .عدالت ۽ آءِ جي سنڌجي وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي آهي .آءِ جي سنڌ عدالت کي اسان تي اعتماد نه آهي عدالت جي رمارڪس تي اسان کي ڏکي ٿيو آهي .جسٽس ڪي ڪي آغا اوهان نوڪري ۾ دلچسپي نه آهي نه استعفي ڏيو. آءِ جي سنڌ مان استعفي جو ڏيان .اسان نوڪري ۽ عدالت جي عزت ڪنداآيو .عدالت به اسان جي عزت ڪري مان ايس ايچ او نه آهيان .مان سموري پوليس جو سربراهه آهي .عدالت آءِ جي سنڌ جي مهلت واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي .يادرهي اعظم سواتي جي پٽ پاران والد جي سنڌ ۾ گرفتاريءَ خلاف داخل ڪرايل درخواست ڪئي . ڪراچي (رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ بهادرآباد جي علائقي ۾ ڪم ڪندڙ ننڍي عمر جي ٻار جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ عورت سميت 3جوابدارن جي 50.50هزار جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي .عدالت ڪيس جي اڳوڻو جاچ آفيسر سجاد جي خلاف کاتي واري ڪاروائي جو حڪم ڏنو آهي عدالت ۾ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته اسان کي جوابدارن جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ تي ڪابه اعتراض نه آهي .

بقايا *** 26

جي سولجر بازار نمبر 01 ثنا آڪٽن ٽاور اپارٽمينٽ جي ڇرٽين ماڙ جي فليٽ مان 01 ڄڻي جو لاش هٿ آيو آهي. ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 63 سالن جي ڪرسپر انٿوني طور ڪئي وئي جڏهن ته ڪراچي لانڍي منزل پمپ پل وٽ انڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ پيادل ٻارڙي فوت ٿي وئي، جنهن کي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال نيو ويو، سڃاڻپ: 06_07 ورهين جو نامعلوم. ڪراچي سپرهاءِ وي جمالي پل وٽ دلدار ڳوٺ 01 نامعلوم عورت جو سڙيل لاش مليو. ڪيترائي ڏينهن پراڻا لاش. ايدي ايمبولينس ذريعي [illegible]

بقايا *** 27

[illegible] وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته صوبي جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ وڌيڪ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صوبي جي سمورن ضلعن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق ماڻهن کي وظيفا ڏنا پيا وڃن.

بقايا *** 28

ڪميشن جي وڪيل سعد حسن عدالت ۾ موقف پيش ڪيو ته عمران خان ۽ ان جي گهر واري توشه خاني مان 58 تحفا ورتا. 3 سالن دوران ورتل 58 شين جي ماليت 142 مليين روپيه آهي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل موجب سال 2018_19 ۾ ان وقت جي وزيراعظم عمران خان توشه خاني مان تقريبن 107 مليين روپين جا تحفا ورتا ۽ هينئر تائين عمران خان اهو ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيو ته گهڙي ڪيتري ۾ وڪرو ڪئي. ڪيس گهڙي جي باري ۾ نه پر ڪيس عمران خان طرفان جمع ڪرايل اثاثن جي حوالي سان آهي. سعد حسن چيو ته جيڪڏهن ڪي شيون ٽرانسفر ٿيون ته ان جو به گوشوارن ۾ ظاهر ڪرڻ لازمي آهي. آئين نٿو ٿي سگهي ته توشه خاني مان تحفا وٺي ظاهر نه ڪيا وڃن. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته عمران خان طرفان سال 2020_21 جي گوشوارن کي اليڪشن ڪميشن صحيح مڃي ٿي سال 2020_21 تائين توشه خاني جو معاملو قومي اسيمبلي ۽ ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ اچي چڪو هو وڪيل سعد حسن پنهنجي موقف ۾ چيو ته عمران خان جو توشه خاني جو طريقيڪار مني لانڊرنگ وارو آهي. عمران خان ٻڌائڻ جو پابند هو ته ڪهڙي تحفي کي ڪهڙي طرح وڪرو ڪيو. ڪنهن کي به عمران خان جي گهر وڃي ناهي ڏسڻو ته تحفا آهن يا نه. هن کي پاڻ تحفن کي گوشوارن ۾ ظاهر ڪرڻو هو اليڪشن ڪميشن جي وڪيل وڌيڪ چيو ته توشه خاني تحفن جي رقم ڪنهن پٽي ادا ڪئي يا روڪ رقم ڏني وئي. 11 مليين جو ٽيڪس لڪايو ويو پر اهو معاملو ٽيڪس اٿارٽيز جو آهي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل ٻڌايو ته عمران خان جا 2017_18 ۽ 2020_21 جا گوشوارا صحيح آهن ۽ 2018_19 ۽ 2019_20 جا گوشوارا تڪراري آهن. 2021 ۾ اها رقم ظاهر ڪئي وئي جيڪا گذريل 2 سالن ۾ ناهي ڪئي وئي. ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال عمران خان خلاف اليڪشن ڪميشن جي درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا *** 29

رحمان قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي نظربندي بابت گهرو کاتي سنڌ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو آهي ٻڌڻي دوران گهرو کاتي سنڌ جو سيڪريٽري سعيد احمد، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش ٿيا ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته هيءَ درخواست ٻڌڻ جوڳي نه آهي، اسان انٽيليجنس رپورٽن جي بنياد تي فيصلا ڪندا آهيون جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏيندي چيو ته اوهان بدنيتي تي ٻڌل فيصلا ڪيو ٿا ۽ هتي اچي اعتراف ٿا ڪيو آءِ جي سنڌ چيو ته اندازو غلط به ٿي سگهي ٿو، غلطي جي گنجائش موجود هوندي آهي عدالت قتل ڪيس مان بري ٿيل جوابدارن جي نظربندي ختم ڪري ڇڏي، 5 ئي جوابدارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا سنڌيار 01

۽ هيومنٽي اينڊ پيس فورم آف پريا پاران (انسانيت جو آواز) جي موضوع تي ٽين ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، ڪانفرنس ۾ سياسي، سماجي ڌرين سميت استادن توڙي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس جي صدارت ڊاڪٽر سيد نثار علي شاهه صاحب ڪئي جڏهن ته ميزبان محمد قاسم جوڻيجو، سيد امتياز حسين بخاري، نوجوان ليڪ اعجاز علي ممنائي، ايڊووڪيٽ محمد اسلم عمراڻي سنيئر صحافي مير محمد سهتو ۽ اظهار علي سومرو خطاب ڪندي چيو ته هن تنظيم جي پليٽ فارم تي انساني حقن جي لاءِ جيڪا جاکوڙ ٿي آهي اها ڪنهن کان به ڳجهي ڪانهي خاص طور تي برساتن ۾ متاثرن جي مدد ڪرڻ ۽ بي سهارا ماڻهن جو سهارو بڻجي حقيقي انسانيت جي مدد ڪئي آهي جنهن تي پوري ٽيم کي شاباس ڏيون ٿا هن ڪانفرنس ۾ سيد زاهد حسين شاهه، محمد صابن جوڻيجو، ڊاڪٽر الهورايو ميمڻ، سيد سبب علي شاهه، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ، ڊاڪٽر عامر حسن خاصخيلي ڊاڪٽر شاهنواز علي جوڻيجو محمد يامين راجپوت، طفيل احمد جوڻيجو، گلزار علي ميمڻ، غلام سرور دايو، محمد اسلم آرائين، سيد صفدر حسين شاهه، طفيل احمد عباسي، آصف علي پٽي، غلام قادر پٽي، سجاد علي رانجهاڻي، دلدار احمد خاصخيلي ۽ ٻين بارش متاثرين ٻارڙن ۾ سياري جا گرم ڪپڙا تقسيم ڪيا جڏهن ته گذريل برساتن ۾ رضاڪارانه طور پنهنجون ذميداريون ادا ڪندڙن شخصيتن ۾ يادگار سرٽيفڪيٽ ورهائي سندن حوصلہ افزائي ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 02

مان چوري ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ سبب بدامني کي ٻنجو نه اچي سگهيو آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته نامعلوم چور ايس ايس پي سامهون جيم خانه ۾ امداد لاءِ آيل ٻوڏ متاثر ڳوٺ نبي بخش پرڳڙي جو رهواسي هرجي پٽ رائمل ڪولهي جي هاءِ اسپيڊ موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا ياد رهي ته ٽي ڏينهن پهرين ڏينهن ڏٺي جو ڊسٽرڪٽ اٽارني آفيس جي ملازم محمد امن جمالي ساڳئي ڏينهن تي بسم الله بيڪرز اڳيان ذوالقرنين سومرو جي موٽر سائيڪل پڻ چورائي ويا هڪ هفتي اندر ٽي موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ ۽ پوليس طرفان هٿ نه ڪرڻ سبب شهرين ۾ ڳڻتي ڇانيل آهي

بقايا سنڌيار 03

ڪريمان زرداريءَ ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن چيو ته گذريل ڏينهن ڳوٺ جي بااثرن ٻارڙن جي معمولي ڪاله ٽان جهيڙو ڪري اسان جي ٽن ماڻهن کي ڏنڊا سرون هڻي زخمي ڪيو هو ۽ اسان عورتن معصوم ٻارڙن تي پڻ تشدد ڪيو هو ۽ اهڙي رپورٽ مورو ٿاڻي تي داخل ڪرائي هئي پر پوليس بااثرن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ اسان جي ماڻهن کي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڄ صبح وري بااثرن پوليس اهلڪار عاشق حسين زرداريءَ، غلام حيدر زرداريءَ، لال بخش زرداريءَ، فوٽو زرداريءَ ۽ ٻين هلان ڪري تشدد ڪيو آهي اسان غريب مسڪين آهيون جنهن ڪري هو اسان تي هر پيري ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

شاهه سٽي پريس ڪلب، نيشنل پريس ڪلب ۽ مهراڻ پريس ڪلب جو اهم اجلاس سينيئر صحافي مختيار علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سٽي پريس ڪلب جي صدر سردار عمران گاڏهي، عرفان مشوري، مهراڻ پريس ڪلب جي صدر ارشاد ڪوسو نواب منگي، نيشنل پريس ڪلب جي صدر رئيس امداد حسين گاڏهي، نجي ٽي وي جي رپورٽر ذوالفقار جتوئي، روزانه سنڌيار اخبار جي رپورٽر برڪت علي چانڊيو اياز پرڙو ۽ ٻين صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر ۾ ٿيل چوري جي مذمت ڪئي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ٽن ڏينهن اندر جيڪڏهن چوري واپس نه ٿي ته خميس جي ڏينهن ايس ايڇ او ڪي اين شاهه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

پهچي ويو مسمات صائمه ۽ علي اصغر بلوچ جسٽس آف پيس جي عدالت ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ پسند جو پرڻو ڪيو آهي، جنهن بعد ڇوڪري جا عزيز ۽ سابقہ مڙس جا مائٽ عبدالخالق، حسن، باسط، جمال، گلاب بلوچ ۽ ٻيا مڃرجي ٻيا آهن ۽ ڪين مارڻ گهرن ٿا جنهن بعد هو ڪراچي ڇڏي قاضي احمد آيا ته جوابدار اتي به ڪين مارڻ لاءِ پهچي ويا جنهن بعد هو سر بچائڻ لاءِ پريشان آهن مسمات صائمه جو چوڻ هو ته سندس اڳوڻي مڙس ڪيس چار مهينا اڳ طلاق ڏئي گهران ڪڍي ڇڏيو هو هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڪين تحفظ فراهم ڪري جوابدارن خلاف قدم کنيو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

بندي جي اڳواڻي ڪندڙ ايس ايڇ او سڪرنڊ مقصود احمد چنڊ ڪار ۽ شراب تحويل ۾ وٺڻ بعد منشيات ايڪٽ تحت امداد رند ولد رسول بخش رند تي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي ڪيس داخل ٿيڻ بعد ايس . ايڇ . او مقصود چنڊ ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ بابت ٻڌايو پيو وڃي ڪچي شراب جو مرڪز آهي جتي شراب جون ڀٽيون لڳل آهن اسان ڪين سختيءَ سان جهليو آهي جيڪڏهن ڀٽيون ۽ شراب جا اڏا بند نه ڪيا ويا ته سخت ڪاروائي ويندي هن ٻڌايو ته اڄ ناڪہ بند دوران ڪار جنهن ۾ به گيلن ڪچو شراب پڻ هو جنهن کي هٿ ڪرڻ بعد جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪيو آهي هن چيو ته سڪرنڊ ۾ ڪوبہ ڊوهه برداشت نه ڪيو ويندو هوڏانهن سڪرنڊ پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته شهر ۾ جوا ، شراب ۽ جنسي اڏا هلائيندڙن خلاف پڻ جامع پلان جوڙيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 07

۾ 20 گاڏين جي جلوس جي شڪل ۾ ڀرياستي تعلقہ بار پهتي جتي وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ عابد علي راجپوت ميڊم سعيده عمراڻي ايڊووڪيٽ محبت خان بلادي ۽ ٻين پاران گلن جي ورڪا ڪندي سندن شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته تعلقي بار سميت ضلعي جي عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائينداسين هنن چيو ته اسان پر عزم آهيون اسان جا حوصلا بلند آهن وڪيل ڀائرن کي اڪيلو نه ڇڏبو ان موقعي تي تعلقي بار پاران آيل مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ۽ مٺائي پڻ ڪارائي وئي

بقايا سنڌيار 08

